(عربي اردو، سنڌي، گجراتي انگلش، بنگالي ۽ هندي) ۾ شايع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ميگزين


Faizan-e-Madina | Monthly Magazine | رنگین شمارہ

ماهوار

# فيضانِ مدينہ

(دعوتِ اسلامي)

آڪٽوبر 2025، ربيع الآخر 1447



## يارهين شريف مبارڪ هجي

- بارگاهه رسالت کان قوّت حافظ جي عطا
- غوث پاڪ ۽ علمِ حديث
- تون پير بادشاهہ وليءَ سڀ وزير
- غوث پاڪ کي ڏکيءَ جي نصيحت



# دارُالافتاء اهل سنّت

مفتي فضيل رضا عطاري

### (1) ولي (يعني سرپرست) نابالغ ٻار کي تحفو ڏئي ته اهو قبضو ڪرڻ کان سواءِ مالڪ ٿي ويندو آهي.

**سوال:** دين جا عالِم ۽ شريعت جا مفتي هن مسئلي بابت ڇا ٿا فرمائن ته مون وٽ ڪجهه سُون آهي، مون پنهنجي ٻارن جي ماءُ کي چيو هو ته هي سون اسان جي فلاڻي ڌيءُ لاءِ آهي، پر ان جي قبضي ۾ نه ڏنو، اڃا تائين اهو مون وٽ آهي ۽ اها ڌيءُ اڃا نابالغ ئي آهي. توهان کان معلوم اهو ڪرڻو آهي ته اهو سُون ڌيءُ جو مال ٿيو يا نه؟ هاڻي منهنجي وڏي ڌيءُ جي شادي آهي ۽ مان چاهيان ٿو ته اهو سُون ان کي ڏيان، ته ڇا مان ائين ڪري سگهان ٿو؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

پڇيل صورت ۾ اهو سون ڌيءُ جو مال ٿي ويو ۽ هاڻي ان جي مالڪ اها ڌي ئي آهي، تنهنڪري هاڻي نه توهان ڪنهن کي اهو سون ڏئي سگهو ٿا ۽ نه ئي اها نابالغ ڌي پاڻ ڪنهن کي تحفو ڏئي سگهي ٿي. ان جي تفصيل هيءُ آهي ته توهان جيڪي لفظ چيا ته ”هي سون اسان جي فلاڻي ڌيءُ لاءِ آهي“ اهي تحفي جا لفظ آهن ۽ جڏهن ولي (مثال طور پيءُ وغيره) نابالغ ٻار کي ڪا شي تحفي ۾ ڏئي ۽ اها شي ولي جي قبضي ۾ هجي، ته صرف ايجاب ڪرڻ سان تحفو پورو ٿي ويندو آهي ۽ اها شيءِ ٻار جي ملڪيت ٿي ويندي آهي، ڇو ته ان صورت ۾ ولي جو قبضو نابالغ جي طرفان نيابت جي طور تي هوندو آهي، جيڪو شرعاً ٻار جو ئي قبضو شمار ڪيو ويندو آهي. ۽ شرعي قانون آهي ته جڏهن ڪا شي نابالغ جي ملڪيت ٿي وڃي ته ان کي تحفو ڏيڻ جو اختيار ڪنهن کي نه هوندو آهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

### (2) ڇا نابالغ تي سجده تلاوت لازم ٿيندو آهي؟

**سوال:** دين جا عالِم ۽ شريعت جا مفتي هن مسئلي بابت ڇا ٿا فرمائن ته جيڪڏهن نابالغ ٻار سجدي واري آيت پڙهي يا ٻڌي، ته ڇا ان تي سجده تلاوت لازم ٿيندو؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

شرعي قانونن موجب سجدي واري آيت پڙهڻ يا ٻڌڻ وارو جڏهن نماز جي لازم ٿيڻ جو اهل هجي، ته ان تي سجده تلاوت واجب ٿيندو آهي ۽ جيڪڏهن اهو نماز لازم ٿيڻ جو اهل نه هجي ته ان تي سجده تلاوت واجب نه ٿيندو آهي. ان موجب جيئن ته نا بالغ ٻار

نماز جي لازم ٿيڻ جو اهل نہ هوندو آهي، تنهنڪري جيڪڏهن هي سجدن واري آيت پڙهي يا ٻڌي تہ ان تي سجده تلاوت واجب نہ ٿيندو، البت جيڪڏهن نابالغ کان ڪنهن عاقل بالغ نماز جي اهل شخص سجدي واري آيت ٻڌي، تہ ان تي سجده تلاوت واجب ٿيندو. ياد رهي تہ نابالغن تي سجدي واري آيت تلاوت ڪرڻ يا ٻڌڻ سان جيتوڻيڪ سجده تلاوت واجب نہ ٿيندو آهي، پر پوءِ بہ انهن کي سجده تلاوت ڪرڻ جو ذهن ڏنو وڃي تہ جيئن انهن کي عادت پوي ۽ اهي وڏا ٿي سجده تلاوت ڪندا رهن.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

### (3) اصل وطن کان مستقل منتقلي تي نماز جو حڪم

سوال: دين جا عالِم ۽ شريعت جا مفتي هن مسئلي بابت ڇا ٿا فرمائن تہ مان پنهنجي آبائي شهر ملتان کان پنهنجي اهل و عيال سميت لاهور منتقل ٿي ويو آهيان ۽ هاڻي هتي مستقل رهڻ جي نيت ڪري ورتي آهي، ٻئي هنڌ وڃڻ جي نيت ناهي، البت ملتان ۾ منهنجون ڪجهہ زمينون ۽ گهر آهي، ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن ملتان اچڻ وڃڻ ٿيندو. تہ ڇا ملتان اڃا بہ منهنجو اصل وطن آهي يا نہ؟ ۽ جڏهن مان لاهور کان ملتان پندرهن ڏينهن کان گهٽ رهڻ جي ارادي سان ويندس تہ نماز قصر پڙهندس يا پوري پڙهندس؟

نوٽ: سائل وضاحت ڪئي تہ ملتان ڇڏڻ جي عزم ۽ ارادي سان لاهور منتقل ٿيو آهيان.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جڏهن هڪ جاءِ ماڻهوءَ جو اصل وطن هجي ۽ هو ان کي ڇڏڻ جي عزم ۽ ارادي سان پنهنجي اهل و عيال سميت ڪنهن ٻئي جاءِ منتقل ٿي وڃي ۽ اتي مستقل رهڻ جي نيت ڪري وٺي، تہ پهرين جاءِ ان لاءِ اصل وطن نہ رهندي، جيتوڻيڪ اتي ان جون زمينون ۽ گهر موجود هجي. پڇيل صورت ۾ جيئن تہ توهان بہ پنهنجي اهل و عيال سميت ملتان کي ڇڏڻ جي عزم ۽ ارادي سان مستقل طور تي لاهور منتقل ٿي ويا آهيو، تنهنڪري ملتان ۾ پلي توهان جون زمينون ۽ گهر موجود هجي، تڏهن بہ اهو توهان جو اصل وطن نہ رهيو ۽ جڏهن توهان پندرهن ڏينهن کان گهٽ رهڻ جي ارادي سان ملتان ويندا تہ نماز قصر پڙهندا.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

### (4) حرام مال سيد کي صدقي طور ڏيڻ ڪيئن؟

سوال: دين جا عالِم ۽ شريعت جا مفتي هن مسئلي بابت ڇا ٿا فرمائن تہ وياج جي رقم بابت حڪم آهي تہ يا تہ ڏيڻ واري کي واپس ڪجي يا شرعي فقير تي صدقو ڪجي. معلوم اهو ڪرڻو آهي تہ ڇا سيد

کي هيءَ رقم صدقي طور ڏئي سگھجي ٿي جڏھن تہ ھو شرعي فقير ھجي؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

يعني وياج جي رقم سيد سميت سيني بنو ھاشم (يعني حضرت علي، حضرت جعفر، حضرت عقيل ۽ حضرت عباس ۽ حضرت حارث بن عبدالمطلب رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُم جي اولاد، ۽ انھن جي آزاد ڪيل غلامن) کي نہ ٿا ڏئي سگھون، اھو ناجائز آھي. پھريان تہ ان کري جو ھي واجب صدقو آھي ۽ فقھاءِ ڪرام اھو تفصيل فرمايو آھي تہ بنو ھاشم کي، زڪوٰة، عشر، ڪفارو وغيره ڪو بہ واجب صدقو نہ ٿو ڏئي سگھجي، صرف نفلي صدقو ڏئي سگھجي ٿو. ٻيو ان ڪري جو زڪوٰة وغيره صدقات واجبہ بنو ھاشم کي نہ ڏيڻ جي جيڪا علت بيان ٿي آھي، اھا علت وياج جي رقم ڏيڻ ۾ بہ متحقق آھي. ان جي تفصيل ھيءَ آھي تہ زڪوٰة ۽ صدقات واجبہ جي ادائيگي سان ٻانھو پاڻ کي پاڪ ۽ صاف ڪندو آھي، جنھن جي ڪري صدقي طور ڏنو ويندڙ مال، گندو ۽ گندگي وارو ٿي ويندو آھي ۽ بنو ھاشم جي شان جي لائق ناھي تہ انھن کي ھي گندو ۽ گندگي وارو مال ڏنو وڃي. ان اعتبار سان وياج جي رقم جو جائزو وٺجي تہ ھي علت مڪمل طور ان ۾ موجود ھوندي آھي تہ وياج وٺڻ جي ڪري ٻانھو گنھگار ٿيندو آھي ۽ وياج ۾ ورتل مال، صرف گندگي وارو نہ پر ناپاڪ مال سڏبو آھي. گناھن کان پاڪ ٿيڻ لاءِ ٻانھي تي لازم ھوندو آھي تہ توبہ سان گڏ ان ناپاڪ مال کان جان ڇڏائي ۽ ڏيڻ واري کي واپس ڪري يا فقيرن تي صدقو ڪري، ائين درحقيقت ھتي بہ جيڪو صدقو ڪيو ويندو آھي، اھو پنھنجي پاڪائي، گندگي ختم ڪرڻ ۽ گناھ مٽائڻ لاءِ ھوندو آھي، تہ جڏھن صرف گندگي وارو مال بنو ھاشم جي شان جي لائق ناھي، تہ ان کان ڪيترائي دفعا وڌيڪ گندو ۽ گندگي وارو ۽ ناپاڪ مال بدرجہ اَوليٰ انھن جي شان جي لائق نہ ھوندو، تنھنڪري زڪوٰة ۽ عشر وغيره صدقات واجبہ جيان وياج جي رقم بہ بنو ھاشم کي نہ ٿي ڏئي سگھجي.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (5) جيڪڏھن جمعہ جون فرض کان اڳ واريون سنتون رھجي وڃن تہ؟

سوال: دين جا عالِم ۽ شريعت جا مفتي ھن مسئلي بابت ڇا ٿا فرمائن تہ جمعي جون سنت قبليہ جيڪڏھن ڪنھن سبب کان رھجي وڃن تہ ڇا انھن کي جمعي جي

## فرضن کان پوءِ ادا ڪري سگھجي ٿو؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جمعي جون سنت قبليہ جيڪڏهن رهجي وڃن تہ جمعي جي فرضن کان پوءِ وقت جي اندر انهن سنتن کي ادا ڪري سگھجي ٿو، ۽ افضل اهو آهي تہ جمعي جي سنت بعديہ پڙهڻ کان پوءِ، انهن سنتن کي ادا ڪجي، البت ظهر جو وقت ختم ٿيڻ کان پوءِ انهن سنتن جي قضا ناهي، ان سان گڏ اهو بہ ياد رهي تہ ظهر ۽ جمعي جي سنت قبليہ کي فرضن کان اڳ پڙهڻ سنت مؤڪده آهي، بغير شرعي عذر ان کي فرضن کان پوءِ ادا ڪرڻ برو آهي، ۽ ان جي عادت بنائڻ گناهہ آهي، تنهنڪري بغير شرعي سبب انهن سنتن کي فرضن کان بعد تائين موخر نہ ڪجي، بلڪ فرضن کان اڳ ئي ادا ڪجي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



غوث پاڪ جي يارهين جي مناسبت سان

# تون پير بادشاهه، ولي سڀ وزير

اياز هاشم مدني

الله پاڪ پنهنجي دين جي بقا جي لاءِ انبياء کان بعد علماء، اوليا ۽ صُلحا کي علمي، تبليغي وراثت جو مَانُ ۽ مرتبو بخشيو. جن سهڻي انداز سان اچي دين جي تبليغ ۽ پٽڪيل انسانن جي اصلاح ڪئي. انهن مان حضرت پيرانِ پير عبدالقادر جيلاني بہ هڪ آهن. سندن ڪنيت ”ابو محمد“ ۽ لقب محي الدين، محبوب سبحاني، غوث الثقلين، غوث اعظم، قطب الاقطاب، امام الطائفتين، شيخ الاسلام، الحسني، الحسيني الجيلاني وغيره آهن. حضرت مولانا جامي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائين ٿا تہ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ثابت النسب سيد آهن. والد جي نسبت سان حسني علوي ۽ والده جي نسبت سان حسيني سيد آهن.سندن والد جو نالو سيد ابو صالح جنگي دوست ۽ سندن والده ماجده جو نالو ام الخير حضرت فاطمہ رحہ آهي جيڪا نهايت ئي پاڪ ۽ نيڪ خاتون ۽ هڪ مشهور بزرگ حضرت عبدالله صومعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي صاحبزادي هئي.حضرت سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه بحيره خزر جي ڏاکڻئين ڪناري سان مليل بغداد شريف جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ”جيلان“ ۾ پهرين رمضان المبارڪ سن 470 هجري ۾ پيدا ٿيا. سندن پيدائش وقت سندن والد جي عمر سٺ سال هئي. پاڻ جڏهن پيدا ٿيا تہ رمضان شريف ۾ سڄو ڏينهن کير نہ پيئندا هئا.اها ڳالهہ آسپاس مشهور ٿي ويئي تہ سيدن جي گهر ۾ هڪ ٻار ڄائو آهي جيڪو رمضان ۾ ڏينهن جو کير نٿو پيئي. پاڻ ننڍپڻ ۾ ئي والد جي شفقت کان محروم ٿي ويا ۽ ڪين سندن ناني سندن پرورش ڪئي. پاڻ ٻارن سان گڏ نہ کيڏندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ آئون جڏهن بہ ٻارن سان کيڏڻ جو ارادو ڪندو هئس تہ آواز ٻڌندو هئس تہ اي برڪتن ڀريا! هيڏانهن اچ،آئون اهو آواز ٻڌي ڊڄي ويندو هئس ۽ ڊوڙي ماءُ جي هنج ۾ لڪي ويندو هئس.سندن تعليم جي باري ۾ اهو معلوم ٿيو آهي تہ پاڻ ڏهن سالن جي عمر ۾ پنهنجي شهر جي مڪتب ۾ پڙهڻ ويندا هئا. حضرت ابو عبدالله محمد بن قائد واني جو بيان آهي تہ آئون هڪ ڏينهن جناب شيخ جي خدمت ۾ حاضر هئس تہ ڪنهن شخص سوال ڪيو تہ اوهان پنهنجي امر جو بنياد ڪهڙي شيء تي رکيو آهي؟ پاڻ فرمايائون ؛ سچ تي ۽ فرمايائون تہ مون ڪڏهن بہ ڪوڙ ناهي

ڳالهايو نہ ننڊپڻ ۾ ۽ نہ جوانيءَ ۾. حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائين ٿا تہ ننڊپڻ ۾ هڪ دفعي مون کي ڪنهن جهنگل ۾ وڃڻ جو اتفاق ٿيو ۽ آئون هڪ ڏڳي جي پٺيان عام هاريءَ جيان بيهي هر هلائڻ لڳس تہ اهو ڏڳو مون کي چوڻ لڳو تہ توکي ان ڪم لاءِ پيدا نہ ڪيو ويو آهي. اهي لفظ ٻڌي مون تي اهڙو خوف طاري ٿيو جو آئون ڊوڙندو گهر آيس ۽ گهر جي ڇت تي چڙهي ويس تہ مون حاجين کي عرفات جي ميدان ۾ ڏٺو. سرڪار غوث اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه مڪمل طور تي ظاهري علم حاصل ڪرڻ بعد باطني علمن کي حاصل ڪرڻ جي شروعات ڪئي ۽ مجاهدي ۽ رياضت جي نهايت ئي سخت راهن ۾ قدم رکيو.پاڻ شهر ڇڏي عراق جي ويران وادين ۾ اڪيلو سفر اختيار ڪيائون تہ جيئن ڪين ذهني يڪسوئي حاصل ٿي سگهي.حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جن جڏهن سمورن علمن تي دسترس حاصل ڪري ورتي، عبادت، رياضت ۽ مجاهدن جي مشقتن ۽ گوشانشينيءَ ۾ جڏهن گهڻو عرصو گذري ويو ۽ نفس جي پوري پاڪائي حاصل ٿي ويئي تہ پاڻ حضرت ابوسعيد مبارڪ مخزومي رحہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ سندن بيعت ڪيائون.حضرت ابوسعيد رحہ جڏهن سيدنا غوث اعظم کان بيعت وٺي چڪا تہ ڪين پنهنجي هٿن سان ڪاڏو ڪارايائون جو سندن سينو معرفت جي نور سان پرجي ويو.جنهن کان پوءِ حضرت ابو سعيد ڪين خلافت جو خرقو پهرايو ۽ فرمايو ؛ اي عبدالقادر! هي خرقو حضرت سرور ڪونين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ کي عطا فرمايو،انهن کان حضرت حسن بصري رحہ جن کي مليو۽ جن کان هٿو هٿ مون کي مليو ۽ آئون اهو توکي ڏيئي رهيو آهيان.

جڏهن حضرت سيدنا غوث اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ظاهري ۽ باطني علمن کان فارغ ٿيا تہ وعظ ۽ تدريس تي مسند نشين ٿيا.پاڻ فرمائين ٿا تہ مون حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ديدار ڪيو،پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون کي فرمايو: اي منهنجا پٽڙا! تون وعظ ڇو نٿو ڪرين؟ مون عرض ڪيو: يارسول الله (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) آئون عجمي آهيان ۽ بغداد جي هنن فصيح عرب عالمن سامهون ڇا ڳالهائيان؟ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ست ڀيرا پنهنجو لعاب مبارڪ منهن جي وات ۾ وڌو ۽ فرمايو هاڻي وڃي ماڻهن سامهون وعظ ۽ نصيحت ڪر.ٿوري عرصي ۾ ماڻهن جا ميڙ سندس وعظ جي مجلس ۾ شامل ٿيڻ لڳا."باب الحليہ" جي مصلي ۾ گنجائش نہ رهي تہ پنهنجي ڪرسي شهر کان ٻاهر عيد گاهہ ۾ ڪٽي ويا جتي ماڻهن جو تعداد ستر هزار کن هوندو هو. حضرت احمد بن صالح بن شافعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائين ٿا تہ آئون مدرسي نظاميہ ۾ حضرت شيخ

عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي مجلس ۾ وينو هئس.ان مجلس ۾ وقت جا اڪثر ممتاز عالم موجود هئا ۽ سندن گفتگوء جو موضوع قضا ۽ قدر هو،ايتري ۾ هڪڙو وڏو نانگ ڇت کان سندن ڪڇ ۾ اچي ڪريو ۽ پوء سندن ڪنڌ سان ويڙهجي ويو.ان واقعي باوجود پاڻ نہ تہ پنهنجي جڳهہ کان چريا ۽ نہ ئي پنهن جو وعظ روڪيائون.ڪجهہ لمحن بعد اهو نانگ لٿو ۽ زمين تي سندن سامهون بيهي ڪجهہ چوڻ لڳو جيڪو اسان نہ سمجهي سگهياسين پوء اهو هليو ويو.ماڻهو موٽي آيا ۽ انهن سندن ٻيريت معلوم ڪئي ۽ پڇيو تہ نانگ اوهان کي ڇا چيو؟ پاڻ فرمايائون تہ نانگ چيو تہ مون پنهنجي زندگيء ۾ ڪيترائي خدا جا دوست ڏٺا آهن پر اوهان جهڙون ثابت قدم نہ ڏٺو آهي. روايت ۾ آيو آهي تہ حضرت غوث اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه تمام گهڻو روئندا هئا ۽ دل ۾ خدا جو خوف رکندا هئا، سندن دعائون قبول ٿينديون هيون ۽ سخاوت ۾ سندن ڪو ثاني نہ هو.سٺن اخلاقن جا مالڪ ۽ بهترين خوشبوء استعمال ڪندڙ هئا. جيڪر ڪو سوالي سندن جسم تي پهريل ڪپڙن جو بہ سوال ڪندو هو تہ اهي لاهي ان کي ڏيئي ڇڏيندا هئا.

سندن صاحبزادي حضرت شيخ عبدالرزاق رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو بيان آهي تہ هڪ دفعي پاڻ حج جي لاء روانا ٿيا جڏهن بغداد جي ويجهو هڪ ڳوٺ "حلہ" ۾ پهتا تہ حڪم ڏنائون تہ ڪو اهڙو گهر ڳولهيو وڃي جيڪو سڀ کان گهڻو ٽٽل ڦٽل هجي. اسان اتي رهنداسين. ڳوٺ ۾ اميرن ۽ رئيسن جا ڪيترائي سٺا سٺا گهر موجود هئا جيڪي ڪين رهڻ لاء پيش ڪيا ويا پر انڪار ڪيائون.آخر گهڻي ڳولا بعد هڪ اهڙو گهر هٿ ڪيو ويو جنهن ۾ هڪ پوڙهو،پوڙهي ۽ هڪ نينگري رهندي هئي.پاڻ پوڙهيء کان اجازت وٺي ان گهر ۾ رات گذارڻ جو فيصلو ڪيو۽ سمورا نذرانا ۽ تحفا جيڪي ڪين مليا هئا سڀ انهن جي حوالي ڪري ڇڏيا. 11 ربيع الثاني سن 195 هجري تي شام جي وقت سندن زبان مبارڪ تي ڪلمي جو ورد جاري هو،آخر ۾ پاڻ الله،الله،الله چيائون پوء سندن آواز رڪجي ويو ۽ پنهنجي جان پنهنجي مالڪ حقيقيء حوالي ڪيائون.

تون پير بادشاهہ، ولي سڀ وزير

هلن حضرت پير ڏي، فوجون ڪيو فقير،

جو اوسيئڙو اسير، سو غم گيلاني، ميٽيين[1]

ayazsindhi511@gmail.com

1- سر ڏناسري، رسالو، ڊاڪٽر بلوچ، داستان 3 ص 430 شاهہ جو گنج، داستان 1 ص 722، از محمد قاسم، روشني



# واپار جا شرعي احڪامَ

مفتي علي اصغر صاحب

## دوست کي گهر ۾ شريڪ بڻائي ڪرايو پاڻ ۾ ورهائڻ

**سوال:** علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت ڇا ٿا فرمائن تہ زيد ڪجھ عرصو پهريان ساڍا ڇھ لک رپين ۾ هڪ گهر خريد ڪيو. هاڻي زيد چاهي ٿو تہ پنهنجي دوست عمر کي ان گهر جي چوٿين حصي ۾ شريڪ ڪري ۽ ٻئي گڏجي ان جو ڪرايو وصول ڪن. مهرباني ڪري ٻڌايو تہ ڇا زيد جو پنهنجي دوست عمر کي هن گهر ۾ شريڪ ڪرڻ شرعي طور جائز آهي؟ جيڪڏهن جائز آهي تہ زيد خريداري جي قيمت جي اعتبار سان ان کي گهر ۾ شريڪ ڪندو يا موجوده قيمت جي اعتبار سان؟ جو تہ ان گهر جي موجوده قيمت ست لک رپيا آهي. ان کان علاوه زيد ۽ عمر جي وچ ۾ ڪرائي جي رقم ڪهڙي حساب سان ورهائي ويندي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِجواب:

پڇيل صورت ۾ زيد پنهنجي ملڪيت ۾ عمر کي شامل ڪري سگهي ٿو، جيڪڏهن هو ان کي چوٿون حصو يعني 25 سيڪڙو ڏيڻ چاهي ٿو تہ ڏئي سگهي ٿو پر اهو ضروري آهي تہ ٻئي ڌريون قيمت يعني معاوضي جي مقدار تي متفق ٿين. اهو ضروري ناهي تہ خريداري جي قيمت جي مطابق يا موجوده مارڪيٽ جي قيمت جي مطابق حصو وڪڻيو وڃي، پر گڏيل رضامندي سان ڪا بہ قيمت مقرر ڪري سگهجي ٿي. ڪرايو ورهائڻ جي ڳالھ اها آهي تہ جنهن جو جيترو حصو هوندو، اوترو ئي هو ڪرائي جو حقدار هوندو.

صــــدر الشـــــريعہ مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: ” هڪ شـــخص ڪا شـــيءِ خريد ڪئي آهي، ڪنهن ٻئي شـــــخص ان کي چيو تہ مون کي ان ۾ شــــريڪ ڪر، خريدار چيو تہ شـــــريڪ ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن اهي ڳالهيون ان وقت ٿيون جڏهن خريدار مبيع تي قبضو ڪري چڪو هو تہ شراڪت صحيح آهي ۽ جيڪڏهن قبضـــو نہ ڪيو هجي تہ شـــراڪت صحيح نہ آهي ڇو تہ پنهنجي شيءِ ۾ ٻئي کي شريڪ ڪرڻ ان جي هٿ وڪڻڻ آهي ۽ وڪرو ان ئي شيءِ جو ٿي سگهي ٿو جيڪا قبضي ۾ هجي ۽ جڏهن شـــراڪت صـــحيح هوندي تہ اڌ قيمـــت ڏيڻ لازم هونـــدي جو ٻئي برابر جـــا شــــريڪ قرار ڏنا ويندا. البت جيڪڏهن بيان ڪري ڇڏيو آهي تہ هڪ ٽيون يا چوٿون يا ايترو حصو شراڪت آهي تہ جيڪو ڪجھ بيان ڪيو آهي اوتري ئي شــــراڪت هوندي ۽ اوتري ئي قيمت ڏيڻ لازم هوندو.“ (بهار شريعت، 515/2)

اجرت جي ورهاست حصن جي مطابق ٿيندي.

جيئن **درر الحڪام** ۾ آهي: " لواجرالشرکاء الحانوت المشترك بينهم لآخر فيجب تقسيم بدل الايجار بينهم حسب حصصهم في الحانوت " يعني جيڪڏهن حصيدارن پنهنجو گڏيل دڪان ٻئي شخص کي ڪرائي تي ڏنو تہ اجرت جي ورهاست دڪان ۾ موجود حصن جي مطابق ٿيندي.

(درر الحكام شرح مجلة الاحكام، 27/3)

وَاللهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ڪميٽي وجهندڙ جو انتقال ٿي وڃي تہ جمع ٿيل رقم جو حڪم؟

**سوال:** علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت ڇا ٿا فرمائن تہ هڪ شخص بہ ڪميٽيون پريون هيون، انهن مان هڪ ڪميٽي جي رقم يعني 8 لک رپيا ان کي ملي ويا هئا ۽ مجموعي طور هو 10 لک 50 هزار رپيا پنهنجي ڪميٽين جي رقم پري چڪو هو ۽ هاڻي ان جو انتقال ٿي ويو جنهن جي ڪري هو وڌيڪ ڪميٽيون جمع نہ ڪرائيندو ۽ ان جي ٻي ڪميٽي تقريباً 7 مهينن کانپوءِ کلندي. هاڻي سوال اهو آهي تہ جيڪي اڍائي لک رپيا مرحوم اضافي جمع ڪرايا هئا ڇا اهي وارثن کي فوري طور ڏيڻ لازم آهن؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب :** بيان ڪيل صورت ۾ مرحوم پنهنجي ڪميٽين جي مد ۾ 10 لک 50 هزار رپيا ادا ڪري چڪو هو ۽ ان کي هڪ ڪميٽي جي مد ۾ 8 لک رپيا ملي چڪا هئا. انڪري مجموعي طور تي اڍائي لک رپين جي رقم ڪميٽي واري تي قرض ٿي ۽ عندالشرع قرض کي مطالبي تي واپس ڪرڻ لازم هوندو آهي. بهرحال ڪميٽي واري تي هي اڍائي لک رپيا وارثن کي ڏيڻ لازم آهي. هاڻي ان جو طريقي ڪار اهو ٿي سگهي ٿو تہ ميت جو وارث ۽ ڪميٽي وارو پاڻ ۾ رضامندي سان ڪا هڪ تاريخ طئي ڪري وٺن جنهن ۾ رقم جي واپسي ٿيندي. ۽ وارثن کي بہ گهرجي تہ جيڪڏهن ڪميٽي وارو فوري ادائيگي تي قادر ناهي ۽ وقت جو مطالبو ڪري ٿو تہ ان کان فوري ادائيگي جو مطالبو نہ ڪن بلڪ ڪجھ مهلت ڏين. اسان وٽ ڪميٽي جي رقم قرض طور ڏني ويندي آهي. ان ڪري علامہ علاؤ الدين حصڪفي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه قرض جي تعريف بابت در مختار ۾ لکن ٿا: " شرعا:ماتعطيه من مثلي لتتقاضاه " يعني شرعي اعتبار کان قرض اهو مثلي مال آهي جنهن کي تون ان جهڙو واپس حاصل ڪرڻ جي غرض سان ڏين ٿو.

(در مختار، 161/5)

وَاللهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ڪميٽي دير سان ڏيڻ تي اضافي پئسا وٺڻ ڪيئن؟

**سوال:** علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت ڇا ٿا فرمائن تہ ڇا ڪميٽي (B.C) گڏ ڪندڙ اهو شرط رکي سگهي ٿو تہ جيڪو شخص دير سان ڪميٽي جي قسط جمع ڪرائيندو اهو ان دير جي ڪري اضافي پئسا بہ ڏيندو؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب** : ڪميٽي گڏ ڪندڙ جو اهو شرط رکڻ ته جيڪو شخص دير سان ڪميٽي جي قسط جمع ڪرائيندو اهو ان تاخير سبب اضافي پئسا به ڏيندو اهو شرط ناجائز ۽ حرام آهي ڇو ته جيڪڏهن قسط جمع ڪرائيندڙ جي ڪميٽي اڃا تائين ناهي کلي ته ان صورت ۾ هو مقروض ناهي، تنهنڪري تاخير جي سبب ان کان اضافي پئسا وٺڻ مالي ڏنڊ آهي جيڪو ناجائز ۽ گناهه آهي. ۽ جيڪڏهن ان شخص جي ڪميٽي کلي چڪي آهي ۽ ان تي باقي قسطون باقي آهن ته ان صورت ۾ هو مقروض آهي، تنهنڪري ڪميٽي گڏ ڪندڙ جو تاخير جي سبب ان شخص کان اضافي پئسا وٺڻ وياج آهي جيڪو سخت ناجائز ۽ حرام آهي. جيئن ته مبسوط ۾ آهي: ” مقابلة الاجل بالدراهم ربا “ ترجمو: مدت جي مقابلي ۾ (قيمت کان علاوه) درهم وٺڻ وياج آهي. (المبسوط، 126/13)

مالي ڏنڊ بابت اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: ”تعزير بالمال منسوخ آهي ۽ منسوخ تي عمل جائز ناهي.“ (فتاويٰ رضويه، 112/5)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم



# غوث پاڪ ۽ علم حديث

مولانا محمد گل فراز عطاري مدني

تاريخ اسلام ۾ اهڙن جليل القدر ولين جو روشن ذڪر ملي ٿو، جن دين متين جي مختلف شعبن ۾ پنهنجي علمي بصيرت، عملي سيرت ۽ روحاني تربيت سان اهڙيون عظيم خدمتون سرانجام ڏنيون، جيڪي هميشہ يادگار رهنديون. انهن بزُرگن ۾ سيدنا محي الدين، غوث الاعظم، شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جو اسم گرامي سج ۽ چنڊ جيان روشن ۽ چمڪندڙ آهي. سندن شخصيت اهڙي جامع هئي جنهن ۾ شريعت ۽ طريقت، علم ۽ عرفان، زهد ۽ تقويٰ ۽ وعظ ۽ ارشاد جا سمورا پاسا يڪجاء هئا. سندن وعظ جي مجلسن ۾ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ فرمانن جي لفظي وضاحت سان گڏ ان جي اخلاقي، روحاني ۽ معاشرتي پاسن کي نهايت حڪيماڻي انداز ۾ واضح ڪيو ويندو هو. امام شمس الدين ذهبي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه حضرت غوث اعظم رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه کي محدثن جي طبقي ۾ شمار فرمايو ۽ پنهنجي ڪتاب "المعين في طبقات المحدثين" ۾ سندن ذڪر هن ريت ڪيو: " القطب الشيخ الامام عبد القادر بن ابي صالح عبد الله بن جنگي دوست الجيلي الحنبلي"[1]

امام ذهبي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه "تاريخ الاسلام" ۾ فرمائن ٿا: حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه علم حديث جي سماعت حضرت ابوبڪر احمد بن مظفر تمار، حضرت ابوغالب باقلاني، حضرت ابوالقاسم بن بيان رزاز، حضرت ابومحمد جعفر سراج، حضرت ابوسعد بن خشيش ۽ حضرت ابوطالب بن يوسف رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡهِم وغيره محدثن کان ڪئي. (صاحب انساب) امام ابوسعد سمعاني، (صاحب مغني) امام حافظ عبدالغني مقدسي ۽ امام موفق الدين ابن قدامہ حنبلي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡهِم وغيره جليل القدر محدثن سندن کان حديثون پڙهيون آهن.[2] قلائد الجواهر ۾ آهي تہ محي السنۃ والدين حضرت عبدالقادر بن ابو صالح جيلاني جڏهن بغداد تشريف وٺي ويا تہ پاڻ اتي وڃي علم حديث پڙهيو ۽ ان ۾ ڪامل بڻيا. پاڻ علم حديث، فقہ، وعظ ۽ علوم حقائق ۾ وڏي مهارت رکندڙ هئا.[3] مشهور اديب حضرت شمس بريلوي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه ذڪر ڪن ٿا: حديث شريف تي حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي گهري جو هي عالم هو جو سندن استاد سڳورا (حديث جي) سند ڏيندي فرمائيندا هئا: اي عبدالقادر! اسان اوهان کي حديث جي لفظن جي سند ڏئي رهيا آهيون، نہ تہ حديث جي معنيٰ ۾ تہ اسان اوهان کان ئي فائدو حاصل ڪريون ٿا، چو تہ ڪن حديثن جا مطلبَ جيڪي اوهان بيان

ڪيا آهن، انهن تائين اسان جي عقل و فهم نٿو پهچي سگهي. [4] حضرت غوث اعظم رَحمةُ اللهِ عَلَيه پنهنجي وعظ جي مجلسن ۾ ڪڏهن نبوي حديثون ذڪر ڪندا هئا ۽ انهن جي شرح ۽ وضاحت جي روشنيءَ ۾ ماڻهن کي وعظ ۽ نصيحت فرمائيندا هئا، جيئن ته:

**دل جو سڌرڻ ۽ بگڙڻ:** حديث پاڪ ۾ آهي ته: "ماڻهوءَ جي جسم ۾ گوشت جو هڪ ٽڪرو آهي، جڏهن اهو صحيح ٿي ويندو آهي ته ان جي ڪري ان جو سمورو بدن صحيح ٿي ويندو آهي ۽ جڏهن اهو بگڙندو آهي ته سمورو بدن بگڙي پوندو آهي، ٻڌو! اهو (گوشت جو ٽڪرو) دل آهي." [5]

هن حديث پاڪ جي شرح ۾ حضور غوث اعظم رَحمةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: دل جو سڌرڻ ۽ پرهيزگاري ۽ الله پاڪ جي ذات تي توڪل، ان جي وحدانيت ۽ عملن ۾ اخلاص پيدا ڪرڻ سان آهي ۽ ان جو بگڙڻ انهن معاملن جي نه هجڻ سان آهي ته دل بدن جي پڃري ۾ هڪ پکي آهي ته اعتبار پکيءَ جو آهي، پڃري جو ناهي. [6]

**هڪ مومن ٻئي مومن جو آئينو:** حديث پاڪ ۾ آهي ته: " هڪ مومن ٻئي مومن جو آئينو آهي." [7]

هن حديث پاڪ کي بيان ڪري حضرت غوث اعظم رَحمةُ اللهِ عَلَيه فرمايو: مسلمان پنهنجي مسلمان ڀائرن کي نصيحت ڪندو آهي ۽ ان جو سچو خير خواهه هوندو آهي. اهي ڳالهيون ظاهر ڪندو آهي جيڪي ان تي لڪيل هونديون آهن ۽ ان جي خوبين ۽ بُرائين کي جدا ڪندو آهي.

ان کي نفعي ۽ نقصان وارين شين جي سڃاڻ ڪرائيندو آهي. پاڪ آهي اها ذات جنهن منهنجي دل ۾ مخلوق جي خيرخواهي وجهي ڇڏي آهي ۽ ان کي منهنجو عظيم مقصد بڻايو آهي. مان خيرخواهه آهيان ان تي بدلو نه ٿو چاهيان. منهنجي اجرت الله پاڪ وٽ آهي جيڪا مون کي ملڻي آهي. مان دنيا يا آخرت جو طلبگار ناهيان. مان دنيا يا آخرت جو ٻانهو ناهيان، سواءِ الله جي مان ته صرف الله پاڪ جي بندگي ۽ عبادت ڪريان ٿو جيڪو خالق، يڪتا ۽ واحد ۽ قديم آهي. اوهان جي فلاح ۾ منهنجي خوشي آهي ۽ اوهان جي هلاڪت ۾ منهنجو غم آهي. جڏهن مان پنهنجي سچي مريد جو چهرو ڏسندو آهيان، جنهن منهنجي هٿن تي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي ته مان مطمئن ۽ شاداب ٿي ويندو آهيان ۽ اهو ڏسي خوش ٿيندو آهيان. [8]

## متقي سڳورا تڪلف کان آزاد آهن:

حديث پاڪ ۾ آهي: " مان ۽ منهنجي امت جا متقي تڪلف کان آزاد آهن. " [9]

هن حديث پاڪ کي بيان ڪري حضرت غوث اعظم رَحمةُ اللهِ عَلَيه مدرسه قادريه ۾ ماڻهن کي وعظ ۽ نصيحت ڪندي فرمايو: متقي شخص الله پاڪ جي عبادت ۾ تڪلف ناهي ڪندو ڇاڪاڻ ته خدا جي عبادت ته ان جي طبيعت بڻجي وڃي ٿي. متقي شخص الله پاڪ جي عبادت ظاهر ۽ باطن سان ڪندو آهي، پر منافق شخص ته هر حالت ۾ تڪلف ئي ڪندو آهي ۽ خاص ڪري الله پاڪ جي عبادت ۾ ۽ عبادت

ڪي ظاهر ۾ تڪلف سان ادا ڪندو آهي ۽ باطن ۾ ان کي ڇڏي ڏيندو آهي.[10]

**برڪت وڏڙن سان آهي:** حديث پاڪ ۾ آهي: ” برڪت توهان جي وڏڙن ۾ آهي. “[11]

حضرت غوث اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا تہ سرڪار دو عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن فرمان مان مراد رڳو عمر ۾ وڏو هجڻ ناهي، پر وڏي عمر سان گڏ الله پاڪ جي احڪامن تي عمل ڪرڻ ۽ منع ڪيل ڪمن کان بچڻ مراد آهي ۽ ڪتاب و سنت ۽ تقويٰ کي لازم پڪڙڻ آهي. حقيقت ۾ الله پاڪ ۽ رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تابعداري ڪرڻ وارو ئي وڏو آهي ۽ ڪيترا ئي ماڻهو عمر جي اعتبار کان پوڙها آهن جو انهن جي تعظيم ڪرڻ ۽ انهن کي سلام ڪرڻ بہ جائز ناهي ۽ انهن کي ڏسڻ ۾ برڪت بہ ناهي. وڏا ماڻهو اهي ئي آهن جيڪي متقي، صالح، پرهيزگار، علم تي عمل ڪرڻ وارا ۽ عمل ۾ اخلاص پيدا ڪرڻ وارا آهن. وڏا ماڻهو اهي ئي آهن جن جون دليون صاف سٿريون آهن ۽ اهي سواءِ الله پاڪ جي ٻين کان پاسو ڪندڙ آهن. وڏا ماڻهو اهي اهل دل آهن جيڪي الله پاڪ جي معرفت رکڻ وارا آهن ۽ الله پاڪ لاءِ عمل ڪن ٿا ۽ ان جي ويجهو آهن.[12]

**منافق جي سڃاڻپ:** حديث پاڪ ۾ آهي: منافق جڏهن ڳالهائيندو آهي تہ ڪوڙ ڳالهائيندو آهي ۽ جڏهن وعدو ڪندو آهي تہ وعدي خلافي ڪندو آهي ۽ ان وٽ امانت رکي وڃي ٿي تہ امانت ۾ خيانت ڪندو آهي.[13]

حضرت غوث اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ کي ذڪر ڪرڻ کانپوءِ منافق جي سڃاڻپ بابت فرمائن ٿا: اهي ٽي خصلتون منافق شخص ۾ موجود هونديون آهن جيڪي سرڪار دو عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ذڪر فرمايون آهن ۽ جيڪو شخص انهن ٽن خصلتن کان آزاد ٿيو اهو يقينًا نفاق کان آزاد ٿيو. اهي خصلتون ڪسوٽي (معيار) آهن ۽ ايمان ۽ نفاق وارن جي وچ ۾ فرق ۽ جدائي ڪرڻ واريون آهن تہ تون بہ هن ڪسوٽي کي وٺ. هي آئينو کڻي ان ۾ پنهنجي دل جي چهري کي ڏس ۽ غور سان ڏس تہ ڇا تون مومن آهين يا منافق، مُوحد آهين يا مشرڪ.[14]

(1) (المعين في طبقات المحدثين، ص169)
(2) (تاريخ الاسلام، 87/39)
(3) (قلائد الجواهر، ص8)
(4) (غنية الطالبين مترجم، سوانح حضرت سيدنا محي الدين غوث اعظم، ص12، حيات المعظم في مناقب غوث اعظم، ص46)
(5) (بخاري، 33/1، حديث: 52)
(6) (الفتح الرباني، المجلس الاول، ص15)
(7) (ابوداؤد، 365/4، حديث: 4918)
(8) (الفتح الرباني، المجلس السادس، ص38)
(9) (ابن عساڪر، 277/35 ٿوري تبديلي سان)
(10) (الفتح الرباني، المجلس العاشر، ص45)
(11) (ابن حبان، 385/1، حديث: 560)
(12) (الفتح الرباني، المجلس العاشر، ص47)
(13) (بخاري، 24/1، حديث: 33)
(14) (الفتح الرباني، المجلس الثاني والعشرون، ص84)



# دين جي تبليغ

## حڪمت عمليون

## ۾ رسول پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون

(Strategic Methods of Propagation)

ايم فل اسڪالر/ فارغ التحصيل جامعة المدينہ، ايڊيٽر ماهنامہ فيضانِ مدينہ ڪراچي

|ماهنامہ فيضانِ مدينہ آڪٽوبر 2025ع|

**صبر ۽ ثابت استقامت، رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تبليغي حڪمت جو سُٿُون:** دين جي دعوت جي راھ ۾ مشڪلاتون، انڪار، ٺٺوليون، ظلم ۽ مزاحمت هڪ عام معاملو آهي، پر جيڪو داعي صبر ۽ ثابت قدمي سان ڪم وٺندو آهي، اهو ئي پنهنجي مشن ۾ ڪامياب ٿيندو آهي. رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ سيرت صبر ۽ ثابت قدمي جو بي مثال داستان آهي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نہ رڳو پاڻ ظلم برداشت ڪيو، پر پنهنجي پوئلڳن کي بہ همٿايو تہ اهي دين جي رستي ۾ ثابت قدم رهن. صبر، حقيقت ۾، دعوت جو روح آهي، ۽ ثابت قدمي ان جي دل. جيڪڏهن رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جلدي ڪن ها يا مڪي جي ظلم کان گهٻرائي دعوت جو مشن ڇڏي ڏين ها تہ دين اسلام جو نور عالمگير نہ ٿئي ها.

قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ ڪيترن ئي موقعن تي صبر جي تلقين ڪئي ۽ ان کي نبين جي سنت قرار ڏنو: ﴿فَاصْبِرْ كَمَا صَبَرَ اُولُوا الْعَزْمِ مِنَ الرُّسُلِ﴾ ترجمو ڪنز الايمان: سو (اي حبيب!) اوهان صبر ڪيو جيئن همت وارن رسولن صبر ڪيو[1]

هي حڪم رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ان وقت ڏنو ويو جڏهن مڪي جي ڪافرن جي طرفان ظلم ۽ ستم جي شدت وڌي رهي هئي. ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ صبر نہ رڳو اخلاقي صفت آهي، بلڪ نبوي دعوت جو هڪ بنيادي جز بہ آهي.

مڪہ مڪرمہ جي ابتدائي تيرهن سالن جو دور رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ صحابين لاءِ سخت آزمائشن جو هو. حضرت خباب بن ارت رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کي ٻرندڙ ڪوئلن تي ليٽايو ويو، حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کي گرم واريءَ تي گِهليو ويو، ۽ حضرت سُميہ ۽ حضرت ياسر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کي شهيد ڪيو ويو. پر رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن سيني کي صبر جي تلقين ڪئي. طائف جو واقعو صبر جي هڪ وڏي بلنديءَ جو مثال آهي، جڏهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پٿر هڻي رتو رت ڪيو ويو، پر پاڻ بد دعا بدران هدايت جي دعا ڪئي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دعا ڪئي: "اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِقَوْمِي فَاِنَّهُمْ لَا يَعْلَمُوْن. يعني "اي الله! منهنجي قوم کي معاف ڪر، ڇوتہ اهي نٿا ڄاڻن." [2]

دين جي دعوت ۾ صبر جو مطلب اهو آهي تہ مبلغ فوري نتيجن جي اميد نہ رکي، بلڪ هو

مسلسل، تدريجي ۽ پرامن جدوجهد کي اپنائي. سخت لهجي، طنز يا رد عمل بدران دليلن، نرم گفتاري ۽ ثابت قدمي سان پنهنجو مشن جاري رکي. موجوده دور ۾ به جڏهن سامهون اسلاموفوبيا، الحاد يا معاشرتي مزاحمت جو مقابلو ٿئي ته داعي کي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرت مان سکي صبر ۽ ثابت قدمي جي روش اپنائڻ گهرجي، جيئن سورت فُصِّلَت ۾ فرمايو ويو: ﴿وَلَا تَسْتَوِي الْحَسَنَةُ وَلَا السَّيِّئَةُ ۚ ادْفَعْ بِالَّتِي هِيَ أَحْسَنُ﴾ ترجَمو کنزالايمان: ۽ چڱائي ۽ برائي برابر نٿي ٿي سگهي. برائي کي ڀلائي سان دور ڪيو. (3)

رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرت اهو سيکاري ٿي ته صبر صرف ظلم سهڻ جو نالو ناهي، بلڪ پنهنجي موقف تي ثابت قدمي سان قائم رهڻ ۽ باطل جي سامهون مضبوط ٿي بيهڻ به صبر آهي. جيئن ته تبليغي مشن جي ڪاميابي لاءِ صبر ۽ ثابت قدمي بنيادي روح آهن. زبان جي نرمي ۽ لهجي ۾ اعتدال:

**رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تبليغي حڪمت عملي:** دين جي تبليغ جي رستي ۾ لازمي طور تي اختيار ڪئي ويندڙ حڪمت عملين مان هڪ زبان جي نرمي ۽ لهجي جو اعتدال به آهي. اها هڪ اهڙي حڪمت عملي آهي جنهن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيغام کي دلين ۾ لاٿو. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دعوتي زندگي ۾ نرمي، شگفتگي ۽ دل سوزي نمايان اوصاف هئا، جن سخت دل دشمنن کي به متاثر ڪيو. زبان جي سختي ۽ لهجي جي تندي دلين کي پري ڪري ٿي، جڏهن ته نرمي دلين ۾ محبت پيدا ڪري ٿي ۽ قبوليت جو دروازو کولي ٿي.

هڪ ڳوٺاڻو مسجد نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ پيشاب ڪرڻ لڳو، صحابن سڳورن ان کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، ته رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "لَا تُزْرِمُوهُ دَعُوهُ" يعني "ان کي نه روڪيو، ان کي ڇڏي ڏيو." جڏهن هو فارغ ٿي ويو ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻي گهرائي صفائي ڪرائي، پوءِ نرمي سان ان کي سمجهايو ته هي الله جو گهر آهي، هتي اهڙي شيءِ جائز ناهي. (4)

نيڪي جي دعوت ۾ عملي تطبيق (مطابقت) اها آهي ته اڄ جو مبلغ پنهنجي لفظن ۽ ڳالهائڻ جي انداز تي سخت نظر رکي. سچائي جيڪڏهن سخت لهجي ۾ ڏني وڃي ته اها به رد ڪئي ويندي آهي ۽ ڪڏهن نرمي سان چيل معمولي ڳالهه به دل ۾ گهر ڪري ويندي آهي. ڪيترائي ماڻهو پنهنجي علم جي باوجود صرف سختي ۽ حقارت آميز انداز جي ڪري ماڻهن ۾ مقبوليت نٿا حاصل ڪري سگهن، جڏهن ته رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي برعڪس حڪمت، شفقت ۽ خوش اخلاقي جي ذريعي ماڻهن جي دلين ۾ پنهنجي پيغام لاءِ جڳهه ٺاهي.

نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "إِنَّ الرِّفْقَ لَا يَكُونُ فِي شَيْءٍ إِلَّا زَانَهُ، وَلَا يُنْزَعُ مِنْ شَيْءٍ إِلَّا شَانَهُ" يعني "نرمي جنهن شيءِ ۾ هوندي آهي، ان کي زينت بخشيندي آهي ۽ جنهن مان ڪڍي ڇڏجي، ان کي بدصورت بڻائي ڇڏيندي آهي." (5) اها حديث

واضح ڪري ٿي تہ نرمي ڪا ڪمزوري ناهي بلڪ خوبصورتي آهي، دعوت دين جي حسن جو اهم ترين عنصر آهي.

اڄ جڏهن معاشرو اختلاف، تعصب ۽ نفرت جو شڪار آهي، تہ هڪ مبلغ لاءِ لازمي آهي تہ هو زبان ۽ لهجي جي نرمي کي اپنائي. سيرت رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جو عملي ماڊل آهي، جنهن ۾ نہ رڳو ڳالهہ جو اثر هو بلڪ دلين کي مُسَخّر ڪرڻ واري مناڻ بہ هئي.

### مخاطب جي ذهني سطح جو لحاظ:

دين جي تبليغ جو مؤثر انداز ۾ سڀ کان بنيادي اصول اهو آهي تہ مبلغ، مخاطب جي فڪري، علمي ۽ ذهني پس منظر کي سمجهي. رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرت اسان کي هن اصول جو مڪمل مثال فراهم ڪري ٿي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر فرد، قوم يا قبيلي کي ان جي مزاج، علمي درجي ۽ ذهني وسعت مطابق دعوت ڏني. هن حڪمت عملي جي تبليغي اهميت ان ۾ آهي تہ ڳالهہ مخاطب جي سمجهہ جي دائري ۾ اچي ٿي تہ قبوليت جا امڪان وڌي وڃن ٿا. هي ئي اهو راز آهي جنهن کي قرآن ڪريم هن ريت بيان ڪيو:

﴿اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ﴾

**ترجمو ڪنز الايمان:** پنهنجي رب جي رستي جي طرف حڪمت سان سڏ. (6)

هتي ”حڪمت“ جو مفهوم ئي اهو آهي تہ هر ڳالهہ ان جي جڳهہ، وقت ۽ سمجهڻ واري جي قابليت مطابق ڪئي وڃي.

رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ سيرت ۾ هن حڪمت عملي جا بيشمار مثال آهن. جيئن تہ هڪ نوجوان نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ اچي زنا جي اجازت طلب ڪئي. صحابہ ڪرام ان کي جهڙڪڻ لڳا پر رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي ويجهو سڏي، نرمي سان سوال ڪيا: ڇا تون هي پنهنجي ماءُ، ڀيڻ، ڌي يا زال لاءِ پسند ڪندين؟ نوجوان هر ڀيري نہ چيو، تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: تون بہ ٻين لاءِ اهو پسند ڪر جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪندين. (7) هي طريقو نفسياتي ۽ ذهني فهم جي درجي کي مدنظر رکندي اختيار ڪيو ويو. هيءُ حڪمت عملي اڄ جي دور ۾ بہ نهايت مؤثر آهي. جيڪڏهن مبلغ ڪنهن نوجوان سان گفتگو ڪري رهيو هجي تہ ان جي رجحانن ۽ سوالن کي سمجهڻ کان سواءِ ڪا ڳالهہ دل ۾ نہ لهندي. اهڙي طرح ڪنهن دانشور، سائنسدان يا عام مزدور سان هڪجهڙي انداز ۾ ڳالهائڻ حڪمت کان خالي آهي. هر فرد سان ان جي عقل، تربيت ۽ سماجي حيثيت مطابق ڳالهائڻ ئي نبوي طرزِ دعوت آهي.

**انفرادي ملاقاتن ذريعي دعوت:** دين جي تبليغ جو بنيادي مقصد صرف پيغام پهچائڻ ناهي بلڪ دلين کي قائل ڪرڻ ۽ فڪرن کي بدلائڻ آهي. ان لاءِ هڪ مؤثر حڪمت عملي ” انفرادي دعوت “ آهي، رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ابتدا ۾ دين اسلام جي دعوت پنهنجي قريبي ماڻهن کي ڏني. سڀ کان پهريان حضرت خديجہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا، حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ، حضرت زيد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ۽

حضرت ابوبکر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي انفرادي طور تي ايمان جي دعوت ڏني، ۽ سيني بغير ڪنهن هٻڪ جي اسلام قبول ڪيو، حضرت ابوبکر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ پاڻ بہ انفرادي دعوت جا ماهر بڻجي ويا ۽ ان جي دعوت سان حضرت عثمان رَضِیَ اللہُ عَنْہُ، حضرت زبير بن عوام، حضرت عبدالرحمٰن بن عوف، حضرت طلحہ، حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللہُ عَنْھُم جهڙا وڏا صحابہ ڪرام اسلام ۾ داخل ٿيا. حج جي موسم ۾ رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منىٰ ۽ عرفات ۾ قبيلن جي خيمن ۾ وڃي، انهن جي سردارن سان اڪيلا ملندا ۽ دين اسلام جي دعوت پيش ڪندا هئا. حضرت ربيعہ بن عباد رَضِیَ اللہُ عَنْہُ بيان ڪن ٿا: مون رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڏٺو تہ هو قريش جي قبيلن جي سردارن وٽ وڃي چوندا هئا: اي فلاڻي جا پٽ! مان الله جو رسول آهيان، توهان کي الله ڏانهن سڏيان ٿو. [8] جڏهن طائف جي سردارن گڏيل طور تي رد ڪيو، تہ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم طائف جي ٽن وڏن اشرافن سان فرداً فرداً ڳالهہ ڪئي. هي ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ جيڪڏهن اجتماعي دعوت جو ماحول سازگار (موافق) نہ هجي تہ انفرادي طور تي دلين ۾ راهہ تلاش ڪئي وڃي. نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم دار ارقم کي مرڪز بڻائي اتي هڪ هڪ فرد کي تربيت ڏني. حضرت مصعب بن عمير رَضِیَ اللہُ عَنْہُ، حضرت خباب رَضِیَ اللہُ عَنْہُ، حضرت عمار رَضِیَ اللہُ عَنْہُ، حضرت صهيب رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جهڙن ماڻهن انفرادي دعوت جي نتيجي ۾ ايمان آندو. اڄ جي دور ۾ انفرادي دعوت جو طريقو اسڪول، آفيسن، اسپتالن، سوشل ميڊيا ۽ ذاتي ملاقاتن ۾ مؤثر انداز سان استعمال ڪري سگهجي ٿو. دعوت جو هي طريقو خاص طور تي انهن فردن لاءِ مفيد آهي جيڪي معاشرتي دٻاءَ جي ڪري سرِ عام حق ڳالهہ ٻڌڻ يا تسليم ڪرڻ کان گهبرائيندا آهن. انفرادي دعوت ۾ مبلغ کي اهو موقعو ملندو آهي تہ هو سامهون واري جي ذاتي ڪيفيت، ذهني سطح ۽ دلچسپين کي مدنظر رکي پيغام ڏئي، جيئن رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪيو. صفحن جو دامن ايتري وسعت نٿو رکي تہ اسان رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون مبلغانہ حڪمت عمليون وڏيڪ لکي سگهون، الله رب العزت اسان کي رسول ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي حڪيمانہ تعليمات تي عمل ڪرڻ ۽ انهن حڪمت عملين کي اپنائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

---

(1) پ26، الاحقاف: 35
(2) بخاري، 2/468، حديث: 3477
(3) پ24، فصلت: 34
(4) مسلم، ص133، حديث: 661
(5) مسلم، ص1073، حديث: 6602
(6) پ14، النحل: 125
(7) مسند احمد، 8/285، حديث: 22274
(8) ديکھيے مسند امام احمد، 5/424، حديث: 16025



# بارگاهِ رسالت کان قوتِ حافظ جي عطا

مولانا سيد عمران اختر عطاري مدني

اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذاتِ مبارڪ نہ صرف جسماني بيمارين جو شفا خانو هئي پر نبوي توجهہ روحاني مرضن جو بہ ڪامل علاج هئي. الله پاڪ جي حڪم سان سندن لعابِ دهن، لمسِ مبارڪ (هٿ سان ڇُهڻ) ۽ دعائن جون اهي تاثيرون هيون جن جي ذريعي عقل ۽ فهم کان بہ وڌيڪ معجزن جو ظهور ٿي ويندو هو. اهڙو ئي هڪ پيارو معجزو ان وقت ظاهر ٿيو جڏهن هڪ صحابي رسول حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ پنهنجي ياداشت ڪمزور ٿيڻ جي پريشاني عرض ڪئي، تفصيل هي آهي تہ حضرت عثمان بن ابي العاص رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مون نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ مون کي قرآن ڪريم ياد نٿو رهي (ياداشت ڪمزور آهي). حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”هي شيطان آهي جنهن کي خنزب چوندا آهن.“ پوءِ فرمايو: ”اي عثمان! منهنجي ويجهو اچ.“ جڏهن مان ويجهو ويس، تہ رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي وات ۾ پنهنجو مبارڪ لعابِ دهن وڌو ۽ پنهنجو دستِ شفقت منهنجي سيني تي رکيو جنهن جي ٿڌاڻ مون پنهنجي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ محسوس ڪئي. پوءِ ارشاد فرمايو: ”اي شيطان! عثمان جي سيني مان نڪري وڃ!.“ جيئن تہ ان ڏينهن کان پوءِ مان جيڪا ڳالهہ بہ ٻڌندو هئس، ياد ٿي ويندي هئي، ڪڏهن بہ نہ وسري. (ڏسو: دلائل النبوه لابي نعيم، ص277، حديث:396)

يقينًا هي واقعو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نگاهِ ڪرم ۽ دعا جي بدولت ظاهر ٿيندڙ هڪ عظيم معجزي جو ترجمان آهي تہ شيطان جي طرفان پيدا ڪيل ذهني رڪاوٽ کي نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صرف پرکيو ئي نہ پر پنهنجي معجزاتي تصرف سان ان کي دور فرمايو ۽ پنهنجي پياري صحابي کي حافظي جي قوت سان مالا مال ڪري ڇڏيو. هن واقعي مان ڪجهہ ڳالهيون معلوم ٿيون: ياداشت جي ڪمزوري ڪڏهن ڪڏهن شيطاني وسوسن يا اثرات جي ڪري بہ ٿي سگهي ٿي. روحاني علاج ۽ الله جي نيڪ ٻانهن جون دعائون باطني مسئلن جو موثر حل ٿي سگهن ٿيون. رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون دعائون ۽ توجهہ هر لا علاج مرض جو شفا بخش علاج هيون. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي الله تعالىٰ جي طرفان اهڙي معرفت حاصل هئي جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شيطان جو نالو بہ وٺي

ان جي مڪاري کي واضح فرمايو پئي. صحابہ ڪرام دين سکڻ ۾ سنجيده ۽ فڪرمند رهندا هئا، اسان کي بہ علم حاصل ڪرڻ ۾ فڪرمند رهڻ گهرجي. رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو لعابِ دهن (وات مبارڪ جي ٿُڪَ) الله جي اِذن سان جسم ۽ روح جي شفا جو ذريعو هو. علم لاءِ ڪوشش ۽ دعا ٻنهي جو اهتمام هئڻ گهرجي، محنت سان گڏوگڏ روحاني اسباب کان مدد وٺڻ گهرجي. دين جي مسئلن ۾ پريشاني محسوس ٿئي تہ وڏن ڏانهن رجوع ڪرڻ ۾ شرمائڻ نہ گهرجي. دين جي راهه جون مشڪلاتون ۽ رڪاوٽون جلد يا دير سان بالآخر الله جي فضل ۽ ڪرم سان دور ٿي وينديون آهن.



# اسلامي ڀينرن جا شرعي مسئلا

مفتي فضيل رضا عطاري

## (1) مَحرم يا محرم مرد کان سواءِ عورت جو عمري جو سفر ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** علماءِ ڪرام هن باري ۾ ڇا ٿا فرمائن ته ٻه عورتون آهن جيڪي پاڻ ۾ ڀينرون آهن ۽ ٻئي بيواهه آهن، اهي ٻئي عمري تي وڃڻ چاهن ٿيون، انهن ٻنهي جون عمرون 54 ۽ 55 سال آهن، انهن سان گڏ انهن جو ڪو به پٽ، ڀاءُ يا ڪو ٻيو محرم مرد ناهي وڃي رهيو، ته سوال اهو آهي ته انهن عورتن جو اڪيلي سر عمري تي وڃڻ جائز آهي يا نه، جڏهن ته اهي پاڪستان ۾ رهن ٿيون؟

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِکِ الۡوَھَّابِ اَللّٰھُمَّ ھِدَایَۃَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

شريعت پاڪ ۾ ڪنهن به عورت لاءِ مَحرم يا محرم کان سواءِ شرعي مسافت (يعني 92 ڪلوميٽر يا ان کان وڌيڪ جي مسافت) جو سفر ڪرڻ ناجائز ۽ حرام آهي، خواهه اهو سفر حج ۽ عمري جي غرض سان هجي يا ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ هجي، خواهه اها عورت جوان هجي يا پوڙهي. لهٰذا پڇيل صورت ۾ اهي ٻئي عورتون ڪنهن به محرم مرد کان سواءِ عمري لاءِ اڪيليون سفر نه ٿيون ڪري سگهن، جيڪڏهن وينديون ته گنهگار ٿينديون.

وَاللّٰہُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُہٗ اَعۡلَم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## (2) ماءُ جو پنهنجي نابالغ اولاد جي مال ۾ تصرف ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** علماء دين ۽ مفتيانِ شرع متين هن مسئلي بابت ڇا ٿا فرمائن ته هڪ نابالغ ڇوڪري جي ملڪيت ۾ ڪجهه سُون آهي، ان جي والده چاهي ٿي ته اهو سون پنهنجي وڏي ڌيءَ کي ان جي شادي ۾ ڏئي ۽ بعد ۾ ساڳئي وزن جو سون نهرائي نابالغ ڌيءَ کي واپس ڪري، ڇا هوءَ ائين ڪري سگهي ٿي؟

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِکِ الۡوَھَّابِ اَللّٰھُمَّ ھِدَایَۃَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

پڇيل صورت ۾ ماءُ جو پنهنجي نابالغ ڇوڪري جو سون ٻي ڌيءَ کي ڏيڻ جائز ناهي، ڇو ته اها قرض جي صورت آهي جيڪا ڇوڪري جي حق ۾ سراسر نقصان آهي ۽ شرعي قانونن مطابق جنهن تصرف سان نابالغ کي سراسر نقصان پهچي، اهڙو تصرف ان جو ولي جهڙوڪ پيءُ وغيره به نٿو ڪري سگهي، ته پوءِ ماءُ کي ته بدرجہ اَولي ان جي اجازت نه هوندي، ڇو ته مالي تصرف ۾ ماءُ کي پنهنجي نابالغ اولاد تي بالڪل به ولايت ناهي. ياد رهي ته جيڪڏهن پيءُ محتاج ۽ فقير هجي ۽ فقر جي ڪري ڪيس مال جي ضرورت هجي ته اهڙي صورت ۾ هو نابالغ اولاد جو مال بلا معاوضہ به وٺي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن فقر ۽ محتاجي نه هجي، بلڪ ڪا ٻي اهڙي ضرورت هجي جنهن لاءِ پاڻ وٽ رقم نه هجيس ته اهڙي صورت ۾ هو نابالغ اولاد جو مال صرف بطورِ قرض وٺي سگهي ٿو، بلا معاوضہ نه ٿو وٺي سگهي.

وَاللّٰہُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُہٗ اَعۡلَم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم




# حضرت مقداد بن اسود

## مولانا عدنان احمد عطاري مدني

رسول جو صحابي حضرت مقداد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ اسلام جي عظيم سپوتن ۾ بهادر شهسوارن مان هڪ هو. هو سخت جان، مضبوط عضون ۽ مصيبتن ۾ نہ گهبرائڻ واري حوصلي مند دل جو مالڪ هو. بهادرن جي صف ۾ سندن نالو روشن آهي ۽ سندن صفتون عام و خاص جي زبان تي جاري آهن. (المستطرف، 379/1) حضرت مقداد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو پورو نالو مقداد بن عَمرو آهي، پر جاهليت جي زماني ۾ اسود نالي هڪ شخص کيس پنهنجو پٽ بڻايو هو، ان ڪري هو مقداد بن اسود جي نالي سان مشهور ٿيو. (الوافي بالوفيات، 18/15)

**حليو مبارڪ:** حضرت مقداد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڊگهي قد، گندمي رنگ، گهاٽن وارن ۽ سنهي نڪ جو مالڪ هو، جڏهن تہ سندس پروون مليل هجڻ جي ڪري سندس شخصيت کي پرڪشش بڻائيندا هئا. ڏاڙهي مبارڪ نہ گهاٽي هئي ۽ نہ وري ڇدي، بلڪ تمام خوبصورت هئي جنهن ۾ هو پيلي رنگ جو خضاب لڳائيندو هو. (طبقات ابن سعد، 121/3)

**فضائل و هجرت:** سندن رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو شمار عالم فاضل صحابن ۾ ٿئي ٿو. (الاستيعاب، 43/4) پاڻ قديم الاسلام ۽ سابِقُوْنَ الاَوَّلُوْن مان آهن. پهريائين پاڻ حبشہ ڏانهن هجرت ڪئي، پوءِ مڪي موٽي آيا. جڏهن نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني ڏانهن هجرت فرمائي تہ پاڻ هجرت نہ ڪري سگهيا، آخرڪار هڪ انوکو رستو ڳوليائين ۽ مڪي کان ويندڙ مشرڪن جي هڪ قافلي ۾ شامل ٿي ويا تہ جيئن ڪنهن بہ طرح (هتان نڪري) مسلمانن سان وڃي ملن. ٻئي طرف رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت عبيده بن حارث رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي 60 يا 80 صحابن سان گڏ هڪ فوجي مهم تي روانو فرمايو. جنهن جو مقابلو مشرڪن جي ساڳئي گروهہ سان ٿيو پر وڙهڻ جي نوبت نہ آئي، اهڙي طرح حضرت مقداد ۽ هڪ ٻئي صحابي حضرت عتبہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا سان گڏ مسلمانن سان اچي مليا. (اسد الغابہ، 265/5) هجرت کان پوءِ پاڻ حضرت ڪلثوم بن هدم جي گهر رهيا ۽ سندن حضرت جبار بن صخر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو ديني ڀاءُ بڻايو ويو. (طبقات ابن سعد، 119/3)

**بارگاهِ رسالت:** رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ دفعو فرمايو: ”اوهان مان ڪير حضرت

خبيب (جي لاش) کي (ڪافرن جي چنبي مان) ڦاهي جي تختي تان لاهي ايندو؟ ان لاءِ جنت آهي.“ حضرت زبير بن عوام ۽ حضرت مقداد رَضِیَ اللہُ عَنْہما ذميواري قبول ڪئي. ٻئي سڳورا ذميواري پوري ڪري جڏهن واپس آيا تہ حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام بارگاهِ رسالت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: ”يا رسول الله! ملائڪ اوهان جي صحابين مان انهن ٻنهي تي فخر ڪري رهيا آهن. “ (تفسير مظهري، البقره، تحت الآيه: 205، 277/1)

هڪ دفعو نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻن شخصن کي بلند آواز سان قرآن پڙهندي ٻڌو. پهرين بابت فرمايو: ”هي تمام گهڻو فرمانبردار آهي. “ ٻئي بابت فرمايو: ”هي رياڪار آهي. “ راوي ڏٺو تہ پهريون شخص حضرت مقداد بن اسود هو. (الاستيعاب، 44/4)

**غزوات جو شان:** اسلام ۾ سڀ کان پهريان گهوڙي تي سوار ٿي جهاد لاءِ نڪرڻ وارو حضرت مقداد رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ئي هو. (طبقات ابن سعد، 120/3) پاڻ بهترين تيرانداز هئا. پاڻ سمورن غزوات ۾ شرڪت جو شرف حاصل ڪيائون. (طبقات ابن سعد، 120/3) هجرت جي پهرين سال ذي القعده جي مهيني ۾ رسول ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي اڇو جهنڊو عطا ڪري هڪ مهم تي روانو ڪيو جنهن کي حضرت مقداد کنيو هو. (البدايه والنهايه، 632/2) 15 شوال 3ھ جنگ احد ۾ پاڻ لشڪر جي ساقہ (يعني پوئين حصي) تي افسر هئا. (سيرت مصطفيٰ، ص 256 ملخصاً) 8ھ رمضان فتح مڪہ جي موقعي تي اسلامي فوج جو شان نرالو هيو. فوج جو کاٻو حصو حضرت زبير بن عوام جهڙي بي مثال بهادر جي قيادت ۾ هو تہ ساڄي حصي جي ڪمان عظيم شهسوار حضرت مقداد سنڀالي هئي. (تاريخ ابن عساڪر، 168/60) 5 رجب 15ھ يرموڪ جي جنگ ۾ پاڻ فوجي دستن ۾ چڪر لڳائيندي ۽ جهاد جي آيتن جي تلاوت ڪري مجاهدن جو حوصلو بلند ڪندي نظر آيا. (تاريخ ابن عساڪر، 145/60 مفهوماً - عمده القاري، 457/11، تحت الحديث: 3721) 27ھ حضرت عمرو بن عاص رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي قيادت ۾ فتحِ مصر جي مجاهدن ۾ شامل رهيا ۽ ان ئي سال حضرت عبدالله بن سعد رَضِیَ اللہُ عَنْہُ سان گڏ افريقا جي غزوات ۾ شريڪ ٿيا ۽ ڪامياب ٿي موٽيا. (تاريخ ابن عساڪر، 152/60) پاڻ حضرت معاويہ ۽ اڪابر صحابہ رَضِیَ اللہُ عَنْہم سان گڏ غزوه قُبْرُس ۾ بہ شرڪت ڪئي ۽ فتح حاصل ڪئي. (الاموال للقاسم، ص 161، رقم: 406) شام جي فتوحات ۾ هڪ موقعي تي دشمن کي ائين للڪاريائين: ” اي خدا جا دشمن! جيڪڏهن تون ۽ تو جهڙا ماڻهو پنهنجي

هٿيارن سان ٻہ اچي وڃو تہ اسان انهن سان مقابلو ڪرڻ ۾ پريشان نہ ٿينداسين. اسان جو هڪ شخص توهان جي هزار سپاهين ۾ گهيرجي وڃي تہ اهو اڪيلو انهن سڀني جو مقابلو ڪندو ڇاڪاڻ تہ اسان تہ پاڻ کي موت لاءِ تيار ڪري ڇڏيو آهي ۽ مدد الله تعالىٰ جي طرفان آهي. “ (فتوح الشام، 220/2)

**جهاد جو شوق:** هڪ دفعو حضرت مقداد رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ حمص شهر ۾ سونارن جي هڪ صندوق تي ويٺا هئا. سندن جسم ايترو ڳرو ٿي چڪو هو جو صندوق مان ٻاهر نڪري رهيو هو. ان حالت ۾ بہ پاڻ جهاد لاءِ وڃڻ چاهيو ٿي (جڏهن تہ ان عذر جي ڪري جهاد ۾ شرڪت نہ ڪرڻ جي اجازت هئي). ڪنهن چيو: ”غزوه ۾ شرڪت ڪرڻ کان الله پاڪ اوهان کي معذور رکيو آهي. “ اهو ٻڌي پاڻ هيءَ آيت سڳوري تلاوت ڪئي: ” اِنْفِرُوْا خِفَافًا وَّثِقَالًا “ **ترجمو ڪنز الايمان:** ” نڪرو هلڪائي سمجهي يا دل تي بار سمجهي. “

(پ 10، توبه: 41 - معجم ڪبير، 236/20 - غريب الحديث للخطابي، 358/2)

**حڪايت:** هڪ دفعو ڪنهن فوجي آفيسر ڪيس پنهنجو نئون گهر ڏيکاري پڇيو: ” ڪيئن ٺاهيو آهي؟ “ تہ پاڻ فرمايو: ”جيڪڏهن هي گهر الله پاڪ جي مال (يعني بيت المال) مان (خيانت ڪري) ٺاهيو ويو آهي تہ برو ڪم ڪيو، جيڪڏهن پنهنجي مال مان ٺاهيو آهي تہ اسراف (يعني فضول ۾ پئسا ضايع) ڪيا. “ (تاريخ ابن عساڪر، 41/29)

**اولاد ۽ گهر واريون:** سندن گهر واري رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي چاچي جي ڌيءَ ضُباعہَ بنت زبير رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا هئي. ڪين هڪ پٽ عبدالله ۽ هڪ ڌيءَ ڪريمہ پيدا ٿيا. (سير اعلام النبلاء، 518/3)

**وصال ۽ وصيت:** حضرت مقداد بن اسود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو وصال 33 ھ ۾ مديني کان ٽي ميل پري مقام ”جرف“ ۾ ٿيو. جسد اقدس کي مديني آندو ويو. اميرالمؤمنين حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ نمازِ جنازه ادا فرمائي، پوءِ جنت البقيع ۾ تدفين ٿي. وصال وقت سندن رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ عمر 70 سالن جي ويجهو هئي. (طبقات ابن سعد، 121/3) حضرت مقداد رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ امام حسن ۽ امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہما ٻنهي کي 18، 18 هزار درهم جڏهن تہ امهات المؤمنين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُن مان هر هڪ لاءِ ست ست هزار درهم جي وصيت ڪئي. (تاريخ ابن عساڪر، 181/60) 7ھ فتح خيبر کان پوءِ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪين زمين جو هڪ ٽڪرو عطا ڪيو هو جنهن جي پيداوار 15 وَسّق (تور ڪرڻ جو هڪ ماپو) جَو هئي. سندن وصال کان پوءِ ان کي حضرت معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هڪ لک درهم ۾ خريد ڪري ورتو هو. (طبقات ابن سعد، 120/3)



# جنت جا اوچا محل ڏيارڻ واريون نيڪيون

مولانا شهزاد عطاري مدني

## جنت جا اوچا محل حاصل ڪرائڻ واريون نيڪيون

اي عاشقانِ رسول! جنت هڪ تمام اوچي جاءِ آهي، جنهن کي الله پاڪ ايمان وارن لاءِ ٺاهيو آهي، ان ۾ اهي نعمتون رکيل آهن، جيڪي نہ ڪنهن اک ڏٺيون آهن، نہ ڪنهن ڪن ٻڌيون آهن، ۽ نہ ئي ڪنهن شخص جي دل ۾ انهن جو خيال آيو آهي. ان جي تعريف ۾ جيڪو بہ مثال ڏنو ويندو آهي، اهو صرف سمجهائڻ لاءِ آهي، نہ تہ دنيا جي اعليٰ کان اعليٰ شيءِ کي جنت جي ڪنهن بہ شيءِ سان ڪا بہ نسبت ناهي. اچو تہ، جنت جي بالا خانن (يعني جنت جي بلند محلن ۽ اوچن اوچن گهرن) کي حاصل ڪرڻ وارين نيڪين بابت ڪجھ روايتون ٻڌون ۽ عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون.

## رسولن جي تصديق ڪندڙ

(1) الله پاڪ جي پياري رسول صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جنت وارا، اوچن محلن وارن کي اهڙي طرح ڏسندا، جهڙي طرح توهان آسمان جي مشرقي يا مغربي ڪناري تي پري کان چمڪندڙ تارن کي ڏسندا آهيو، چو تہ ڪجھ جنتين جا درجا ٻين جنتين کان وڌيڪ آهن.“ صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: ”اي الله جا رسول صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ڇا اهي انبياءِ ڪرام جا درجا هوندا جتي ڪو ٻيو پهچي نٿو سگهي؟“ حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”ڇو نہ، ان ذات جو قسم جنهن جي قبضي قدرت ۾ منهنجي جان آهي! هِي اهي ماڻهو هوندا جن الله پاڪ تي ايمان آندو ۽ رسولن جي تصديق ڪئي.“ (مسلم، ص 1163، حديث: 7144)

## الله لاءِ محبت ڪرڻ، ملاقات ڪرڻ ۽ گڏجي ويهڻ وارا

(2) تاجدار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”بيشڪ جنت ۾ ياقوت جا ٿنڀا آهن جن تي زبرجد جا بالا خانا (يعني بلند محلَ) آهن، انهن جا دروازا کليل آهن، اهي اهڙا چمڪندا آهن جيئن هڪ روشن ستارو چمڪندو آهي.“ صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: ”اي الله جا رسول صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! انهن بالا خانن ۾ ڪير (خوش نصيب) رهندا؟“ ارشاد فرمايو: ”جيڪي الله پاڪ جي لاءِ پاڻ ۾ محبت رکندا آهن، ۽ جيڪي الله پاڪ جي لاءِ پاڻ ۾ گڏجي ويهندا آهن، ۽ جيڪي الله پاڪ جي لاءِ پاڻ ۾ ملاقات ڪندا آهن.“ (شعب الايمان، 6/487، حديث: 9002)

## سٺي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ وارا، کاڌو کارائڻ ۽ هميشه روزا رکڻ وارا

**(3)** الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان دلنشين آهي: "جنت ۾ اهڙا بالا خانا آهن جن جو ٻاهر اندر کان ۽ اندر ٻاهر کان ڏٺو ويندو آهي. " هڪ اعرابي (يعني ڳوٺ ۾ رهندڙ هڪ شخص) اٿي عرض ڪيو: " اي الله جا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي ڪنهن لاءِ آهن؟ " پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: "هي ان جي لاءِ آهن جيڪو نرميءَ سان ڳالهه ٻولهه ڪري، کاڌو کارائي، مسلسل (يعني لڳاتار) روزا رکي ۽ رات جو اٿي الله پاڪ جي لاءِ نماز پڙهي جڏهن ماڻهو ستا پيا هجن."

(ترمذي، 4/237، حديث: 2535)

حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه، مرات المناجيح، جلد 2، صفحو 260 تي " مسلسل روزا رکڻ " جي شرح ڪندي فرمائن ٿا: يعني هميشه روزا رکن سواءِ انهن پنجن ڏينهن جي جن ۾ روزو حرام آهي يعني شوال جي پهرين ۽ ذوالحج جي ڏهين کان تيرهين تاريخ تائين. هيءَ حديث انهن ماڻهن جو دليل آهي جيڪي هميشه روزا رکندا آهن، ڪجهه عالمن فرمايو ته ان جو مطلب آهي هر مهيني ۾ مسلسل ٽي روزا رکن.

## سلام عام ڪرڻ وارا ۽ هميشه روزا رکڻ وارا

**(4)** هڪ ٻي روايت ۾ ائين بيان ڪيو ويو آهي ته حضرت جابر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايو: "هڪ ڏينهن پيارا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان وٽ تشريف فرما ٿيا ۽ ارشاد فرمايو: " ڇا آئون توهان کي جنت جي بالا خانن (يعني اوچن اوچن محلن) بابت نه ٻڌايان؟ " اسان عرض ڪيو: "يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان جا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان! ضرور ارشاد فرمايو!" ارشاد فرمايو:"جنت ۾ جوهرن جي مختلف قسمن جا بالا خانا آهن جن جو بيروني منظر اندر کان ۽ اندروني منظر ٻاهر کان ڏسڻ ۾ ايندو آهي. انهن ۾ اهڙيون نعمتون، ثواب ۽ عزت و ڪرامت آهي جن جي متعلق نه ڪنهن ڪن ٻڌو ۽ نه ئي ڪنهن اک انهن کي ڏٺو. " اسان عرض ڪيو: " يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان جا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان! هي ڪنهن لاءِ آهن؟ " ارشاد فرمايو: " ان خوش بخت لاءِ جيڪو سلام عام ڪري، هميشه روزا رکي، ماڻهن کي کاڌو کارائي ۽ نماز پڙهي جڏهن ته ماڻهو ستا پيا هجن. " مون عرض ڪيو: " يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان! ڪير انهن ڪمن جي سگهه رکندو؟ " ارشاد فرمايو: " منهنجي امت مان جيڪو ان جي طاقت رکي ٿو، جلد ئي آئون ان بابت اوهان کي آگاهه ڪندس. " پوءِ ارشاد فرمايو: "جيڪو مسلمان ڀاءُ سان ملي، کيس سلام ڪري ۽ هو جواب ڏئي ته يقينًا ان سلام کي عام ڪيو، جيڪو

پنهنجي اهل و عيال کي پيٽ پري کاڌو کارائي تہ يقينًا ان کاڌو کارايو، جنهن سچو رمضان المبارڪ جو مهينو ۽ هر مهيني ٽي روزا رکيا ڇڻ تہ ان هميشہ روزا رکيا ۽ جنهن عشاء ۽ فجر جي نماز باجماعت ادا ڪئي ڄڻ تہ ان، ان وقت نماز پڙهي جڏهن ماڻهو يعني يهودي، نصراني ۽ مجوسي ستا پيا هئا. “

(حلية الاولياء، 404/2، الحديث 2739)

## الله جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ وارا

(5) حضرت سيد ابوہريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدار رسالت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ: ”بيشڪ جنت ۾ بالا خانا آهن جن جي ٻاهر کان اندر جو حصو نظر ايندو آهي ۽ اندر کان ٻاهر جو منظر نظر ايندو آهي. الله پاڪ ان کي پاڻ سان محبت ڪرڻ وارن ۽ ان لاءِ هڪ ٻئي سان ملڻ وارن ۽ ان جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ وارن لاءِ تيار ڪيو آهي. “

(معجم اوسط، 166/2، حديث: 2903)

## فقر (يعني غربت) اختيار ڪرڻ وارا

(6) آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان آهي: ” جنت ۾ اهڙا بالا خانا (يعني بلند محل) آهن جن ڏانهن اهل جنت اهڙي طرح ڏسندا جهڙي طرح دنيا وارا آسمان جي تارن کي ڏسندا آهن. انهن ۾ صرف فقر (يعني غربت) اختيار ڪرڻ وارا نبي، شهيد فقير ۽ مؤمن فقير داخل ٿيندا. “ (احياء علوم الدين، 249/4)

اي جنت جا عاشقو! جنت ۾ بلند مقام ۽ اوچا اوچا محلَ حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي گهٽيون ئي نيڪيون ڪرڻيون پونديون ۽ برائي کان بچڻو پوندو. الله پاڪ اسان کي پنهنجي رضا لاءِ جنت ۾ بلند محل حاصل ڪرڻ واريون نيڪيون ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي،

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیِّیْن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم



قسط:02

ڪتابن جو تعارف

نصيحتون، هدايتون ۽

# امير اهل سنت جا رسالا

مولانا آصف اقبال عطاري مدني

**جنتي محل جو سودو (صفحا: 50):** هڪ روايت مطابق دنيا جي محبت هر برائي جي پاڙ آهي. قرآن ۽ سنت ۾ دنيا جي محبت جي تمام گهڻي مذمت بيان ڪئي وئي آهي. هن رسالي جي شروعات ۾ ڪجهه شانِ اولياء جو بيان آهي، پوءِ دنيا کان بي رغبتي جو تذڪرو آهي. محبتِ دنيا جي مذمت تي حديثون ۽ انهن جي وضاحت ۽ شرح، گهرن جي تعميرَ ۽ سينگار ۾ لڳل رهڻ جي خرابي، نيڪي جي دعوت جو ثواب ۽ انفرادي ڪوشش جي اهميت ۽ ڪجهه واقعا درج ڪيا ويا آهن. 11 آيتن، 28 حديثن ، 7 اقوال، 16 شرعي احڪامن ۽ 12 حڪايتن تي مشتمل رسالي جي آخر ۾ عبرت انگيز اشعار ۽ آخرت جي باري ۾ غور و فڪر جي ترغيب ڏني وئي آهي.

**جواني ڪيئن گذاريون؟ (صفحا: 40):** عمر جو اهم ترين حصو جواني آهي. هي زندگي جو هڪ جنوني مرحلو آهي، جواني ۾ خواهشن جو غلبو ۽ شهوتن جو زور هوندو آهي، پر جيڪو پنهنجي جواني جي حفاظت ڪري اهو ڪامياب ۽ ڪامران رهندو آهي. هن رسالي ۾ 4 قرآني آيتون، 12 نبوي ارشادَ، 18 اقوال ۽ فرامين ۽ 4 واقعا ۽ حڪايتون درج آهن، جن ۾ جواني جي اهميت، جواني جي حفاظت، جواني ۾ عبادت جي فضيلت، پاڪيزه جواني جا پوڙهائپ ۾ اثرات ۽ برڪتون، سلف صالحين جو جواني جي قدر ڪرڻ، نيڪ ۽ صالح نوجوانن جا ايمان افروز واقعا ۽ جواني ۾ توبہ جي فضيلت جو بيان آهي ۽ گهر ۾ اچڻ وڃڻ جا 12 مدني گل بہ شامل آهن.

**ويران محل (صفحا: 25):** سڀ ڄاڻن ٿا تہ دنيا فاني آهي، هتي جا گهر ۽ محلَ سڀ عارضي آهن، انهن جي حيثيت هڪ مسافر خاني کان وڌيڪ ناهي. هن رسالي ۾ هڪ آيت سڳوري، 10 حديثون، 9 فقهي احڪام، بزرگانِ دين جا 9 اقوال ۽ 3 واقعا ۽ حڪايتون آهن جن ۾ دنيا جي ناپائيداري، عظيم الشان محلات جي فنا ٿيڻ، بزرگانِ دين جي مدني سوچ، عقل وارن جا ڪم، قبر ۽ موت جو تصور ۽ دنيا تي آخرت کي ترجيح ڏيڻ جو تذڪرو آهي. آخر ۾ ڪفن جا 16 مدني گل درج آهن جن ۾ ڪفن جا احڪام، مرد ۽ عورت جي ڪفن جي تفصيلن ۽ ڪفن پهرائڻ جي نيت ۽ طريقو بيان ٿيل آهي.

**101 مدني گل (صفحات: 32):** هڪ مومن

پانهي جا شب و روز ۽ ٻيا معمولات زندگي سنت نبوي ۽ آداب سان گذرن تہ ڪيس بيشمار ڀلائيون ۽ برڪتون نصيب ٿين ٿيون. آداب زندگي کي بيان ڪرڻ واري 101 مدني گلن تي مشتمل هن رسالي ۾ 19 حديثون، 23 شرعي ۽ فقهي احڪام، بزرگانِ دين جا 14 اقوال هڪ واقعو ۽ 14 وظيفا ۽ اوراد مذڪور آهن. جن جي روشني ۾ سلام ڪرڻ، هٿ ملائڻ، ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ، ڇهڪڻ، ننهن ڪٽڻ، جتي پائڻ، گهر ۾ اچڻ وڃڻ، سرمون لڳائڻ ۽ سمهڻ ۽ اٿڻ جا مدني گل ذڪر ڪيا ويا آهن جيڪي ڪثير شرعي احڪامن، سنتن ۽ آداب تي مشتمل آهن.

**163 مدني گل (صفحا: 40):** شريعت ۽ سنت جي پيروي ٻنهي جهانن جي بهتري جو سبب آهي، اها ئي پسنديده ۽ پاڪيزه زندگي آهي. هن رسالي ۾ ڪجهہ زندگي جي معمولات کي سنت ۽ آداب سان گذارڻ جا 163 مدني گل هڪ جاءِ تي گڏ ڪيا ويا آهن. پاڻي پيئڻ، هلڻ، تيل لڳائڻ ۽ ڪنگڻ ڪرڻ، وارن ۽ زلفن وغيره، لباس، پٽڪي، منڊي، ڏندڻ ۽ قبرستان حاضري جا مدني گل مذڪور آهن. رسالو هڪ آيت سڳوري، 22 حديثن ، 75 شرعي ۽ فقهي احڪامن، 33 بزرگانِ دين جي اقوال ، 5 وظيفن، 21 طبي مدني گلن ۽ 4 واقعن تي مشتمل آهي.

**خودڪشي جو علاج (صفحا: 80):** پاڻ کي ختم ڪري ڇڏڻ، خودڪشي ڪرڻ شرعي، اخلاقي ۽ عقلي طور تي قابل مذمت آهي. دين اسلام پنهنجن مڃڻ وارن کي ان جي هرگز اجازت نٿو ڏئي ۽ ان کي حرام فعل قرار ڏئي ٿو. هن رسالي ۾ 11 آيتن، 31 حديثن، 55 اقوال، 45 شرعي احڪام ۽ 13 حڪايتن جي روشني ۾ خودڪشي جي حرام هجڻ، خودڪشي کي حلال سمجهڻ جو مسئلو، خودڪشي جا نقصانَ، خودڪشي جو دردناڪ عذاب، جهنم جي سختي، مصيبتن ۽ پريشانين تي صبر جي ترغيب، تڪليفون اچڻ تي بزرگن جو طريقو، مصيبت جا سبب، صبر آسان بنائڻ جو طريقو، خودڪشي جا سبب، انهن جو حل ۽ مختلف روحاني علاج وغيره جو بيان آهي. ان کان علاوه ڪفريہ جملن جا 16 مثالَ بہ ذڪر ڪيا ويا آهن.

**هٿو هٿ پڪيءَ سان صلح ڪري ورتي (صفحا: 34):** رشتو جوڙڻ جا جتي ديني ۽ اخروي فائدا آهن اتي دنياوي فائدا بہ بيشمار آهن. هن رسالي ۾ صلہ رحمي جي تعريف، رشتيدارن جا حق، صلہ رحمي جا 10 فائدا، رشتو جوڙڻ جون فضيلتون، رشتيدارن سان تعلق ٽوڙڻ جي مذمت، صلہ رحمي جي متعلق 7 هدايتون ۽ رشتيدارن سان سٺي سلوڪ جون صورتون بيان ڪيون ويون آهن. هي رسالو 6 قرآني آيتن، 14 نبوي فرمن، 10 شرعي احڪام، 3 اقوال ۽ 2 حڪايتن تي مشتمل آهي.



# گهر وارن کي سلام ڪريو، برڪت حاصل ڪريو!

مولانا محمد جاويد عطاري مدني

اسان جي پياري نبي حضرت محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کي فرمايو تہ: يَا بُنَيَّ اِذَا دَخَلْتَ عَلَى اَهْلِكَ فَسَلِّمْ يَكُوْنُ بَرَكَةً عَلَيْكَ وَعَلَى اَهْلِ بَيْتِكَ ”اي منهنجا پيارا پُٽ! جڏهن تون پنهنجي گهر وارن وٽ وڃين تہ کين سلام چئو، اهو عمل تنهنجي ۽ تنهنجي گهر وارن لاءِ برڪت جو سبب بڻبو.“ (ترمذي، 4/320، حديث: 2707)

دين اسلام زندگيءَ جي هر شعبي ۾ اسان جي رهنمائي ڪري ٿو. پوءِ اها عبادت هجي، ٻين سان ميل ملاقات هجي، يا گهر ۾ اچڻ وڃڻ جا آداب هجن، دين اسلام هر ڳالهہ کي سادي ۽ خوبصورت انداز ۾ سيکاري ٿو. اسان جو هڪڙو ننڍڙو عمل، جهڙوڪ گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت سلام ڪرڻ، اسان جي گهر کي محبت ۽ سکون سان ڀري سگهي ٿو. اها حديث اسان کي ٻڌائي ٿي تہ اسين پنهنجي گهر ۾ خوشي ۽ برڪت ڪيئن آڻي سگهون ٿا.

هن حديث پاڪ ۾ ٽن شين بابت ٻڌايو ويو آهي: سلام ڪرڻ جي اهميت. گهر ۾ داخل ٿيڻ جا آداب. گهر ۾ برڪت آڻڻ جو وظيفو.

سلام هڪ دعا آهي، ان سان امن، خير ۽ برڪت نازل ٿيندي آهي. سلام ڪرڻ اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو طريقو ۽ انداز آهي، ان تي عمل ڪري اسين پنهنجي نبي جي سنت تي عمل ڪري سگهون ٿا.

**گهر ۾ داخل ٿيڻ جا آداب:** دروازي تي آهستي دستڪ ڏيو جيئن گهر وارن کي خبر پوي تہ ڪو دروازو تي آيو آهي.

گهر وارن کي بار بار ۽ زور سان دروازو وڄائي پريشان نہ ڪريو.

هڪ دفعو دستڪ ڏيڻ کان پوءِ دروازو کلڻ جو انتظار ڪريو.

جڏهن دروازو کُلي تہ پهرين ساڄو قدم اندر داخل ڪريو ۽ هيءَ دعا پڙهو: اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْاَلُكَ خَيْرَ الْمَوْلَجِ وَخَيْرَ الْمَخْرَجِ بِسْمِ اللّٰهِ وَلَجْنَا وَبِسْمِ اللّٰهِ خَرَجْنَا وَعَلَى رَبِّنَا تَوَكَّلْنَا يعني: ”اي الله پاڪ! مان توکان داخل ٿيڻ ۽ نڪرڻ جي ڀلائي گهران ٿو، الله پاڪ جي نالي سان اسين (گهر ۾) داخل ٿياسين ۽ ان جي ئي نالي سان ٻاهر آياسين ۽ اسان پنهنجي ربِ ڪريم تي ڀروسو ڪيو.“ (ابو داؤد، 4/420، حديث: 5096)

دعا پڙهڻ کان پوءِ گهر وارن کي مسڪرائي، اهڙي آواز ۾ سلام ڪريو جو اتي موجود ماڻهو ٻڌي سگهن.

پنهنجا جوتا، اسڪول بيگ ۽ يونيفارم وغيره پنهنجي جڳهين تي رکو.

جيڪڏهن گهر ۾ امڙ، ابو، پائر پينرون موجود هجن تہ ٿوري دير انهن سان گڏ ويهو، ان ڪان پوءِ پنهنجين ٻين سرگرمين ۾ مشغول ٿي وڃو.

اهڙي طرح گهر جو ماحول خوشگوار ٿيندو، سيئي اوهان ڪان خوش ٿيندا. شروع ۾ لکيل حديث پاڪ ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهر ۾ برڪت آڻڻ جو وظيفو بہ ٻڌائي ڇڏيو، اوهان بہ ان تي عمل ڪريو، گهر ۾ امن ۽ سڪون ايندو، ان شاءَ الله.

الله پاڪ اسان کي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ حديثن کي پڙهي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ اسان جي گهرن ۾ رحمت، برڪت ۽ خوشحالي عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم





كلاس روم

# ڏيگي جي نصيحت

مولانا حيدر علي مدني

سر بلال جيئن ئي ڪلاس روم ۾ داخل ٿيو تہ پهرين قطار ۾ وينل حذيفہ کي ڏسي هڪ پيرو اوچتو بيهي رهيو پر ايندڙ لمحي معمول مطابق پنهنجي ڪرسي طرف وڌندي بلند آواز سان سيني ٻارن کي سلام ڪيو، جنهن جو جواب سيني ٻارن ادب سان بيهي ڏنو.

انسانيت جي تخليق جو اولين مقصد، وائيٽ بورڊ تي سر اڄ جي سبق جو عنوان لکيو ۽ پوءِ مارڪر بند ڪندي ٻارن جي وچ ۾ اچي بيٺو، تہ "ٻارو، اوهان کي ڇا ٿو لڳي تہ اوهان جو جي زندگي مقصد ڇا ٿي سگهي ٿو؟"

پويان قطار مان هڪ ٻار بيهي چيو: شادي.

ٻارن سان گڏ سر بہ مرڪڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا: پٽ، مان صرف اوهان جي زندگي جو مقصد نٿو پڇان پر اسان سيني انسانن کي جيڪو الله پاڪ پيدا فرمايو آهي، هن دنيا ۾ موڪليو آهي ان جو ڇا مقصد آهي؟ صرف کائڻ پيئڻ ۽ عيش جي زندگي گذارڻ تہ مقصد نہ ٿو ٿي سگهي، نہ تہ اهو تہ جانور بہ پورو ڪري رهيا آهن تہ آخر اسان انسانن کي پيدا ڪرڻ جو مقصد ڇا ٿي سگهي ٿو؟ ڪڏهن سوچيو نہ اوهان ماڻهن. ڳالهائيندي ڳالهائيندي سر حذيفہ وٽ اچي چڪا هئا ۽ کيس مخاطب ڪندي چيائون: حذيفہ پٽ! هي چشمو نظر جو آهي يا شوقيہ لڳائي رکيو اٿئي؟

نہ نہ سر، نظر جو ئي آهي، ڪافي ڏينهن کان منهنجي مٿي ۾ سور رهندو هو، دوائن جي باوجود آرام نہ پئي آيو تہ اما بابا اکين جي ڊاڪٽر وٽ وٺي ويا هئا، " حذيفہ بيهي جواب ڏنو.

سر بلال: پٽ ايتري ننڍڙي عمر ۾ نظر جو چشمو تہ خطرناڪ ڳالهہ آهي، اوهان پنهنجي روزاني روٽين چيڪ ڪريو تہ ڇا مسئلو آهي؟

سر جي! حذيفہ ياء جي روزاني روٽين ۾ تہ صرف ويڊيو گيم ئي آهي، هنن جو تہ وس نٿو هلي اسڪول ۾ بہ وٺي اچن.

معاويہ جي ڳالهہ تي سر بلال پريشان نظر آيا ۽ پوءِ حذيفہ کي ويهڻ جو اشارو ڪندي باقي ٻارن ڏانهن رخ موڙيندي چيو: تہ ٻارو! اسان اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئاسين تہ اسان جي پيدائش جو مقصد ڇا آهي؟ تہ جيئن اسان جي دين ۽ دنيا جي ٻين مسئلن جو حل قرآن مجيد مان ملي ٿو تہ ان مسئلي لاءِ بہ اسين قرآن پاڪ کان ئي پڇون ٿا تہ اي الله پاڪ جا آخري ۽ ڪامل ڪتاب تون ئي ٻڌاءِ تہ اسان انسانن جي پيدائش جو مقصد ڇا آهي تہ ٻارو! خبر آهي اسان

کي قرآن مجيد ڇا جواب ڏنو: قرآن مجيد اسان کي الله پاڪ جو فرمان ٻڌائي ٿو جيڪو ستاويهين سيپاري جي شروعات ۾ آهي، فرمايو: ۽ مون جن ۽ انسان ان لاءِ پيدا ڪيا ته منهنجي عبادت ڪن.' (پ 27، الذاريات: 56) يعني اسان جي پيدائش جو مقصد هي آهي ته اسين پنهنجي خالق و مالڪ رب عزوجل جي عبادت ڪريون، توهان کي خبر آهي ته هي ڪهڙو اسلامي مهينو آهي؟"

سر بلال جي پڇڻ تي اسيد رضا ٻڌايو: سر هي ربيع الثاني آهي.

سر بلال: جي جي پٽ، اُهو ئي يارهين وارو مهينو ته.... هلو اوهان کي يارهين واري پير جي ننڍپڻ جو هڪ واقعو ٻڌايان ٿو: ننڍپڻ ۾ هڪ پيري حضرت عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جهنگل ۾ هئا ته هڪ ڍڳو نظر آيو ۽ پاڻ ان جي پويان پويان هلڻ لڳا. ڪجهه دير بعد ڍڳو موٽي سندن ڏانهن ڏٺو ۽ چيو: 'اي عبدالقادر! توکي ان قسم جي ڪمن لاءِ ته پيدا نه ڪيو ويو هو.' (غوث پاڪ جا حالات، ص 25) هي ٻڌي شيخ محي الدين جيلاني واپس گهر موٽيا ۽ پنهنجي والده کان اجازت وٺي علم جي راهه جا مسافر بڻجي ويا.

ڏنو ٻارو! الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي زندگي ۾ اسان وانگر فضول راند روند جي ته جاءِ ئي نه هئي جڏهن ته ٻئي طرف اسان اهڙيون سرگرميون پالي رکيون آهن جن ۾ اسان جي دين جو ته نقصان آهي ئي دنيا جو به نقصان آهي جهڙوڪ ويڊيو گيمون وغيره.

معاويه: سر ويڊيو گيمن ۾ دين جو ڪهڙو نقصان آهي؟

سر بلال: ڏسو ٻارن، دشمنان اسلام اهڙيون اهڙيون گيمون تيار ڪري رهيا آهن جو ٻار راند ۾ ئي نه صرف عملي طور اسلام کان پري ٿي وڃي بلڪ معاذ الله ان جي دل ۾ دين اسلام جي ئي نفرت ويهي وڃي مثال طور ڪجهه گيمون اهڙيون به هونديون آهن جن ۾ اسلامي حليي يعني ڏاڙهي ٽوپي واري کي خراب ٻڌائي ڏيکاريو ويندو آهي ۽ دنيا جي نقصان جي ڳالهه ڪريان ته ويڊيو گيمون ته بيمارين جو پورو پيڪيج آهي. نظر جي ڪمزوري ۽ مٽي جو سُور وغيره ته صرف ننڍيون به بيماريون آهن جيڪي ويڊيو گيمز پاڻ سان گڏ آڻين ٿيون ۽ پوءِ سڀ کان اهم ڳالهه جيترا اسين ويڊيو گيمن جهڙين فضوليات جي ويجهو ٿيندا ويندا سين اوترو ئي پنهنجي اصلي مقصد کان پري ٿيندا ويندا سين.



# نوان ليکڪ

**ميزان جو قرآني بيان**

**محمد شبير رضا**

(درجہ تخصص في الحديث سال دوم، جامعۃ المدينہ فيضان مدينہ جوهر ٽائون لاهور)

دين اسلام جي بنيادي عقيدن مان هڪ عقيدو اعمالن جو وزن بہ آهي تہ الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن ميزان قائم ڪندو، جنهن تي اعمال توريا ويندا ۽ عملن جي مطابق نيڪ ماڻهن کي جزا ۽ گنهگارن کي سزا ڏني ويندي. قرآن پاڪ ۾ ڪيترن ئي جاين تي ان جو ذڪر فرمايو ويو آهي، ڪجهہ آيتون ذڪر ڪجن ٿيون:

**ميزان حق آهي:** ميزان جي عقيدي تي ايمان آڻڻ واجب آهي ۽ ان جي حقيقت تي قرآن ڪريم شاهد آهي. جيئن تہ الله تعاليٰ جو ارشاد آهي: ﴿وَالْوَزْنُ يَوْمَئِذِ الْحَقُّ﴾ **ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ ان ڏينهن وزن ضرور ٿيڻو آهي. (پ8، الاعراف:8)

جمهور مفسرن وٽ هن آيت ۾ ”وزن“ مان ميزان ذريعي عملن جو وزن ڪرڻ مراد آهي. (خازن، 2/78، الاعراف، تحت الآيہ:8)

**ميزان قائم ڪرڻ جو مقصد:** قيام ميزان جو مقصد ماڻهن جي وچ ۾ انصاف قائم ڪرڻ ۽ حجت تمام ڪرڻ آهي تہ جيئن هر شخص پنهنجا عملَ ڏسي وٺي ۽ انڪار جي ڪا گنجائش باقي نہ رهي. جيئن تہ الله تعاليٰ فرمائي ٿو: ﴿وَنَضَعُ الْمَوَازِيْنَ الْقِسْطَ لِيَوْمِ الْقِيٰمَةِ فَلَا تُظْلَمُ نَفْسٌ شَيْئًا وَاِنْ كَانَ مِثْقَالَ حَبَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ اَتَيْنَا بِهَا﴾ **ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ اسان انصاف جون تارازيون رکنداسين قيامت جي ڏينهن پوءِ ڪنهن ساهہ تي ظلم نہ ٿيندو ۽ جيڪڏهن ڪا شيءِ سرنهن جي داڻي جي برابر بہ هوندي تہ اسان ان کي بہ آڻينداسين. (پ17، الانبياء:47)

**ميزان جي ڪيفيت:** ميزان جي ڪيفيت دنياوي ترازو وانگر نہ هوندي، جيئن ڳرو پُڙ هيٺ هوندو آهي ۽ هلڪو مٿي ٿيندو آهي، بلڪ ڳرو ٿيڻ تي اهو مٿي ٿيندو. جيئن تہ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائي ٿو: اهو ميزان هتان جي ترازو جي خلاف آهي، اتي نيڪين جو پُڙ جيڪڏهن ڳرو ٿيندو تہ مٿي ٿيندو ۽ برائي جو پُڙ هيٺ ٿيندو. ﴿اِلَيْهِ يَصْعَدُ الْكَلِمُ الطَّيِّبُ وَالْعَمَلُ الصَّالِحُ يَرْفَعُهٗ﴾ **ترجمو ڪنزالايمان:** پاڪ ڪلام انهيءَ جي طرف بلند ٿئي ٿو ۽ نيڪ عمل کي اهو بلند ڪري ٿو. (پ22، فاطر:10 - فتاويٰ رضويہ، 29/ 626)

**ميزان کي ڳرو يا هلڪو ڪرڻ ۾ بنيادي شيءِ:** ميزان جي ڳرو يا هلڪو ٿيڻ ۾ سڀ کان بنيادي شيءِ ايمان آهي جو بغير ايمان جي اعمال ڪيڏا بہ سنا ڇو نہ هجن فائدو نہ ڏيندا ۽ پُڙ ڳرو نہ ڪري سگهندا. جيئن تہ الله تعاليٰ جو ارشاد آهي: ﴿اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ وَلِقَآئِهٖ فَحَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فَلَا نُقِيْمُ لَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَزْنًا﴾ **ترجمو ڪنزالايمان:** اُهي ماڻهو جن پنهنجي رب جي آيتن ۽ ان سان ملڻ جو انڪار ڪيو پوءِ انهن جا سمورا عملَ چٽ ٿي ويا پوءِ اسان انهن

جي واسطي قيامت جي ڏينهن ڪا تور قائم نہ ڪنداسين. (پ16، الڪهف:105)

هن آيت جي تفسير ۾ آهي: هِي اهي ماڻهو آهن جن پنهنجي رب جي آيتن ۽ ان جي ملاقات کان انڪار ڪيو، رسول ۽ قرآن تي ايمان نہ آندو ۽ مرڻ کان پوءِ اٿارڻ، حساب، ثواب ۽ عذاب جا منڪر رهيا تہ انهن جا سڀ اعمال برباد ٿي ويا ۽ انهن کي انهن عملن تي ڪو ثواب نہ ملندو. (صراط الجنان، 44/6)

ڳري پڙ وارن لاءِ خوشخبري: ڳري پُڙ وارن لاءِ ڪيتريون ئي خوشخبريون قرآن پاڪ ۾ مذڪور ٿيون آهن. هڪ جاءِ تي فرمايو:

﴿فَمَنْ ثَقُلَتْ مَوَازِیْنُهٗ فَاُولٰٓىٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ(۸)﴾

ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ جن جا پُڙ ڳورا ٿيا اهي ئي مراد کي پهتا. (پ8، الاعراف:8) وڌيڪ انهن جي اخروي حيات جي ڪيفيت بيان ڪندي فرمايو: ﴿فَاَمَّا مَنْ ثَقُلَتْ مَوَازِیْنُهٗۙ(۶) فَهُوَ فِیْ عِیْشَةٍ رَّاضِیَةٍؕ(۷)﴾ ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ جنهن جا توريل (نيڪ عمل) ڳورا ٿيا. اهي تہ دل گهري عيش زندگي ۾ آهن. (پ 30، القارعہ :7،6)

هلڪي پُڙ وارن لاءِ وعيد: هلڪي پُڙ وارن لاءِ بہ هڪ کان وڌيڪ جاين تي وعيدون آهن، جيئن تہ ارشاد ٿيو: ﴿وَ مَنْ خَفَّتْ مَوَازِیْنُهٗ فَاُولٰٓىٕكَ الَّذِیْنَ خَسِرُوْۤا اَنْفُسَهُمْ فِیْ جَهَنَّمَ خٰلِدُوْنَ(۱۰۳)﴾ ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جن عملن جي تور هلڪي ٿي تہ اهي ئي آهن جن پنهنجي پاڻ کي نقصان ۾ وڌو، سدائين جهنم ۾ رهندا. (پ18، المومنون: 103) ۽ انهن جي ٺڪاڻي جي متعلق فرمايو: ﴿وَ اَمَّا مَنْ خَفَّتْ مَوَازِیْنُهٗۙ(۸) فَاُمُّهٗ هَاوِیَةٌؕ(۹) وَ مَاۤ اَدْرٰىكَ مَا هِیَهْؕ(۱۰) نَارٌ حَامِیَةٌ(۱۱)﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جنهن جا توريل هلڪا رهيا. اهو هيٺاهين ڏيکاريندڙ جهولي ۾ آهي . ۽ توکي ڪهڙي خبر تہ هيٺاهين ڏيکاريندڙ ڇا آهي؟. اُها هڪ ڀڙڪندڙ (شعلو) هٽندڙ باھ آهي.

(پ30، القارعہ:8 تا 11)

الله تعاليٰ اسان کي بغير حساب جنت ۾ داخلا عطا فرمائي ۽ پنهنجي محبوب جي صدقي ميزان عمل تي رسوائي کان بچائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو مثالن سان تربيت فرمائڻ

محمد حسن رضا

(درجہ تخصص في الحديث جامعہ المدينہ فيضان مدينہ جوهر ٽائون لاهور)

نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پاڪ سيرت انسانيت لاءِ مڪمل نمونو آهي. پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نہ صرف هڪ عظيم رهنما ۽ حاڪم هئا بلڪ بهترين مُعلّم، مربي ۽ مصلح بہ هئا. پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تعليمات جو هر پاسو انساني فطرت سان هڪ جهڙائي ۽ معاشري جي اصلاح لاءِ مشعلِ راھ آهي. پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهڙا اهڙا تربيت جا اهي انداز اختيار فرمايا جيڪي سادگي، تاثير، فهم و فراست ۽ محبت سان ڀرپور هئا. انهن مان هڪ عظيم انداز مثالن ذريعي تربيت فرمائڻ بہ آهي. پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم امت جي تربيت اهڙي انداز سان فرمائي تہ ڳالھ نہ صرف

دل ۾ لهي وڃي بلڪ عمل جي صورت به اختيار ڪري وٺي. ان جا ڪجھ مثال پڙهو:

(1) پرندڙ باھ ۽ پروانا: هڪ دفعو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: منهنجو ۽ توهان جو مثال اهڙو آهي جيئن ڪو شخص باھ ٻاري رهيو هجي ۽ پروانا ان ۾ ڪرڻ لڳن ۽ اهو شخص انهن کي روڪي رهيو هجي ۽ اهي نه مُڙن. مان توهان کي دوزخ کان بچائي رهيو آهيان ۽ توهان آهيو جو ان ۾ ڪرڻ لاءِ تيار آهيو. (بخاري، 243/4، حديث: 6483)

هن مثال سان پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم امت کي دوزخ جي هولناڪي کان ڊيڄاريو ۽ پنهنجي محبت و شفقت کي بيان فرمايو.

(2) صاف پاڻيءَ جي شاخ: هڪ دفعو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي فرمايو: جيڪڏهن ڪنهن جي دروازي تي شاخ هجي ۽ هو ڏينهن ۾ پنج ڀيرا ان ۾ غسل ڪري، ته ڇا ان جي جسم تي ميراڻ باقي رهندي؟ عرض ڪيائون: نه، يا رسول الله! پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اهوئي مثال پنج وقت جي نماز جو آهي، الله تعاليٰ ان جي ذريعي گناهن کي مٽائي ڇڏي ٿو. (بخاري، 197/1، حديث: 528)

هن مثال سان نماز جي اهميت واضح ٿئي ٿي.

(3) ڏاچيءَ جو ٻچو ۽ الله جي رحمت: هڪ غزوه جي موقعي تي هڪ صحابيہ کي پنهنجي گم ٿيل ٻارڙي ملي ته هوءَ خوشيءَ سان ان کي سيني لڳائڻ لڳي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي فرمايو: توهان جو ڇا خيال آهي هي ماءُ پنهنجي ٻارڙي کي باھ ۾ اڇلي سگهي ٿي؟ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: هرگز نه! پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ پنهنجن ٻانهن تي هن ماءُ کان به وڌيڪ مهربان آهي. (مسلم، ص 1129، حديث: 6978)

هي مثال الله جي رحمت کي سمجهائڻ جو خوبصورت انداز آهي.

(4) سٺو ۽ خراب ساٿي: نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: سٺي ۽ خراب ساٿي جي مثال عطر وڪڻندڙ ۽ لوهار جيان آهي. عطر وڪڻندڙ کان توهان فائدو حاصل ڪندا يا خوشبو ماڻيندا ۽ لوهار يا توهان جا ڪپڙا ساڙيندو يا بدبو ڏيندو. (بخاري، 567/3، حديث: 5534)

هن مثال ذريعي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سٺي صحبت جا اثرات واضح فرمايا. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعليمات جو هي انداز اسان کي سيکاري ٿو ته صرف ڳالھ ڪرڻ ڪافي ناهي بلڪ بيان جو انداز به اهڙو هجي جو ٻڌڻ واري جي دل ۾ لهي وڃي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مثالن ۾ حڪمت، محبت، آساني ۽ تربيت جو بهترين نمونو آهي. اسان کي به پنهنجي گفتگو ۽ تربيت ۾ رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن انداز کي اپنائڻ گهرجي.

## جانورن جا حق

عبدالاحد عطاري

(درجہ خامسہ مرڪزي جامعہ المدينہ فيضان مدينہ ڪراچي)

الله تعاليٰ دنيا کي پيدا فرمايو ۽ ان کي رنگ

برنگي گلن سان سجايو ۽ بيشمار مخلوق کي ان ۾ آباد ڪيو. ان مخلوق مان الله پاڪ جي هڪ مخلوق جانور بہ آهن. الله پاڪ هر شيءِ کي ڪنهن نہ ڪنهن حڪمت تحت پيدا فرمايو آهي. جيئن تہ جانورن جي حڪمت کي بيان ڪندي الله تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو:

﴿وَّ الْخَیْلَ وَ الْبِغَالَ وَ الْحَمِیْرَ لِتَرْكَبُوْهَا وَ زِیْنَةًؕ-وَ یَخْلُقُ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ(۸)﴾ **ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ (ان) گھوڙا ۽ خچر ۽ گڏھ (پيدا ڪيا) تہ جيئن توهان انهن تي سواري ڪيو ۽ هي توهان جي لاءِ سينگار آهي ۽ (اجان وڌيڪ) اهڙيون شيون پيدا ڪندو جنهن جي توهان کي خبر نہ آهي. (پ 14، النحل: 08)

جهڙي طرح ٻين مخلوقات جا حق هوندا آهن اهڙي طرح جانورن جا بہ حق هوندا آهن. انهن مان پنج حق هيٺ ڏنل آهن:

**(1) ظلم نہ ڪرڻ: ياد رهي!** جانورن کي ظلم کان بچائڻ انهن جي اولين حقن مان آهي جو أهي بي زبان ڪنهن کي فرياد ڪندا، جانور تي ظلم جي ڪري جيڪڏهن جانور بددعا ڏئي تہ ان جي بد دعا مقبول ٿئي ٿي. جيئن تہ مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائي ٿو: مظلوم جانور بلڪ مظلوم ڪافر و فاسق جي بہ دعا قبول ٿئي ٿي، جيتوڻيڪ مسلمان مظلوم جي دعا وڌيڪ قبول ٿئي ٿي. (مرات المناجيح، 300/3)

**(2) مشڪل ۽ پريشاني کان نجات ڏيارڻ:** مصيبت ۽ پريشاني ۾ هر حال ۾ ان بي زبان مخلوق جي مدد ڪرڻ گهرجي. هي مدد بخشش جو ذريعو بہ بڻجي سگهي ٿي. جيئن تہ نبي مڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان دلنشين آهي: هڪ بدڪار عورت جي صرف ان ڪري مغفرت ڪئي وئي جو ان جو گذر هڪ سهڪندڙ اجاري ڪتي وٽان ٿيو، عنقريب هو اڄ جي شدت سان مرڻ وارو هو. هن جوراب لاهي رَئي سان ٻڌو ۽ پاڻي ڪڍي پياريو. ان سبب ان جي بخشش ٿي وئي. (بخاري، 409/2، حديث: 3321)

**(3) رحمت ۽ شفقت ڪرڻ:** انسان کي گهرجي تہ هر اهو جاندار جنهن کان نقصان جو انديشو نہ هجي ان سان ڀلائي ڪجي. ان جو هڪ مثال نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هڪ عمل مان ملاحظ ڪريو: نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ هرڻي وٽان گذريا جيڪا پنجري ۾ قيد هئي. ان پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرياد ڪيو تہ يا رسول الله! صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجو کير پيئندڙ ٻچو آهي، اوهان مون کي آزاد فرمايو تہ جيئن مان پنهنجي ٻچي کي کير پياري اچان. تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مان پنجري واري جي غير موجودگي ۾ توکي ڪيئن آزاد ڪريان! تہ هرڻي چيو: اوهان مون کي آزاد فرمايو مان واپس موٽي ايندس. تہ (حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رحم فرمائيندي) ان کي آزاد فرمايو ۽ اتي تشريف فرما رهيا، ايستائين جو اها هرڻي واپس موٽي آئي. پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنجري واري کان ان جي آزادي جي خواهش ظاهر فرمائي تہ ان شخص هرڻي

کي آزاد ڪري ڇڏيو.

(ڏسو: شرف المصطفیٰ، 406/3، حدیث: 1148)

**(4) وقت تي ڪاڏو ڏيڻ:** جانور جنهن شخص جي ذميواري ۾ آهن تہ ان شخص تي انهن جانورن کي وقت تي ڪاڏو ڏيڻ ضروري آهي. جيئن تہ هڪ روايت ۾ اچي ٿو تہ حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صحابہ کي مخاطب ڪري (هڪ اٺ ڏانهن اشارو ڪندي) ارشاد فرمايو: هي اٺ مون کي شڪايت ڪري ٿو تہ ان کي ڪاڏو گهٽ ڏنو وڃي ٿو ۽ ان کان ڪم وڌيڪ ورتو وڃي ٿو. (الشفاء 312/1)

**(5) وقت تي علاج ڪرائڻ:** انسان هجن يا حيوان انهن سان همدردي ڪندي انهن جو علاج ڪرائڻ فطري ۽ ديني فريضو آهي ۽ هي اسان جي بزرگانِ دين جو معمول رهيو آهي. جيئن تہ منقول آهي تہ حضرت احمد ڪبير رفائي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ هڪ خارش واري ڪتي کي ڏٺو جنهن کي بستيءَ وارن ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هو. پاڻ ان کي جهنگ ۾ وٺي ويا، ان تي ڇپر ٺهرايو، ان کي کارائيندا پيئاريندا رهيا، ايستائين جو جڏهن اهو ڪتو تندرست ٿي ويو تہ پاڻ ان کي گرم پاڻي سان وهنجاري صاف سٿرو ڪري ڇڏي ڏنو. (ڏسو: شان رفائي، ص5)

الله پاڪ کان دعا آهي تہ هو اسان کي مسلمانن جي حقن سان گڏوگڏ جانورن جي حقن جو بہ خيال رکڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

Monthly Magazine
Faizan-e-Madina
October 2025

ماهوار
آڪٽوبر 2025
فيضانِ مدينہ

## سلطان الاولياء، حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه

اسلامي دنيا جي اها عظيم روحاني شخصيت، جنهن جو نالو لکين ڪروڙين مسلمانن جي دلين جي ڌڙڪن آهي ۽ جنهن جون تعليمات صديون گذرڻ باوجود اڄ بہ اسان لاءِ مشعلِ راه آهن. پاڻ سيني ولين جا سردار "غوث الاعظم" ۽ "پيرانِ پير" جي لقبن سان سجاتا وڃن ٿا.

### مختصر تعارف

**نالو:** سيد عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليہ

**لقب:** غوث الاعظم، محي الدين، پيرانِ پير دستگير

**ولادت:** 470هجري (1077ع)- جيلان ۾ ٿي

**وصال:** 561 هجري (1166ع)- بغداد ۾ ٿيو

**نسب:** پاڻ والد جي طرفان حسني ۽ والده جي طرفان حسيني سيد هئا، ان ڪري کين "نجيب الطرفين" سيد چيو وڃي ٿو.

### سندن تعليمات جو خلاصو

سندن سڄي زندگي ۽ تعليمات جو مرڪز فقط بہ شيون هيون: **الله جي اطاعت** ۽ **مخلوق جي خدمت**.

1. **قرآن ۽ سنت جي پيروي:** پاڻ هميشہ شريعت تي سختي سان عمل ڪرڻ جو درس ڏنائون. سندن فرمان هو تہ "اسان جو هي رستو ڪتاب ۽ سنت تي قائم آهي".
2. **خدمتِ خلق:** سندن لنگر خانو هر غريب، مسافر ۽ ضرورتمند لاءِ ڏينهن رات کليل رهندو هو. پاڻ فرمائيندا هئا تہ بکايل کي ماني کارائڻ وڏين نيڪين مان آهي.
3. **علمِ ظاهر ۽ باطن جو سنگم:** پاڻ 40 سالن کان وڌيڪ عرصو بغداد ۾ درس و تدريس جا فرض انجام ڏنا ۽ لکين ماڻهن جي ظاهر ۽ باطن جي اصلاح ڪئي.
4. **عاجزي ۽ سادگي** :بلند ترين روحاني مقام تي هئڻ جي باوجود سندن زندگي انتهائي سادگي ۽ عاجزي جو نمونو هئي.

### سونهري قول

جيڪو شخص الله جي مخلوق لاءِ پنهنجي دل جو دروازو بند ڪري ٿو، اهو حقيقت ۾ پنهنجي مٿان الله جي رحمت جو دروازو بند ڪري ٿو.

مومن جي دل الله جي نظر جو مقام آهي، ان کي غير الله لاءِ خالي رک.

تقدير تي ڀروسو ڪري عمل نہ ڇڏيو، ڇو تہ عمل ڪرڻ بہ ضروري آهي.

سندن مزارِ اقدس بغداد شريف، عراق ۾ اڄ بہ مرجع خلائق آهي، جتان روحاني فيض جا چشما ڦٽي رهيا آهن.

978-969-722-825-6
01130321

فیضانِ مدینہ، محلّہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی، باب المدینہ (کراچی)
UAN: +92 21 111 25 26 92 Ext: 2650 / 1144
Web: www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
Email: feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net
مکتبۃ المدینہ
MAKTABA TUL MADINAH